
ماسي مجيد
محمد حسين اعواڻ
ڪروڙپتي



منهنجو والد صاحب پڙهيل بلڪل نہ هو مگر قانون جو اهڙو ماهر هو جو حيدرآباد جو مشهور وڪيل سرگھواسي ڏيئل مل بہ ڪيس مڃيندو هو. ڪيترا وڪيل بابي سائين کان پنهنجن ڪيسن جي باري ۾ صلاح ۽ هدايت وٺندا هئا جن ۾ ٽنڊو آدم جو محترم عبدالحڪيم ڪوسو بہ هو. بابو سائين ڪورٽ جمعدار جي حيثيت ۾ بہ ڪم ڪندو هو ۽ ڪيس آڏي پچا جي اهڙي تہ صلاحيت هئي جو ان وقت جي سٺن وڪيلن ڪي بہ نہ هئي.

منهنجو والد ريلوي ۾ سپاهي ڀرتي ٿيو ۽ پوءِ هيڊ ڪنسٽيبل ٿيو هو. سندس رٽائرمينٽ کان گهڻا سال پوءِ شڪارپور جو هڪ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس ابڙو صاحب پنهنجي بيگم سان گڏ ڪوئٽہ کان موٽيندي ٽرين جي ڪوبي ۾ قتل ٿي ويو ۽ اها جاچ بعد ۾ مسٽر

عرفان خان رٽائرڊ D.I.G پوليس جيڪو ان وقت شايد حيدرآباد اسپيشل پوليس جو D.S.P يا انسپيڪٽر هو، کي مليو. جاچ شروع ڪرڻ کان اڳ هو بابي سائين وٽ ٿنڊو آدم ۾ آيو انهيءَ ڪيس جي باري ۾. ڪانئس حقيقت وٺي بابي سائين ڪيس يڪدم ڇڏايو ته اهو ڪم حيدرآباد ضلع واري جو ڪيل ڏسجي ٿو ۽ جاچ بعد اهوئي ڏوهاري نڪتو ۽ گرفتار ٿيو.

منهنجي والد صاحب کي "استاد" ڪري سڏيندا هئا. ڪيس ڳنڍ ڇوڙي ۽ ڪاٺ جي ڪيسن جي باري ۾ تمام وڏو آزمودو هو. اهڙن ڪيسن ۾ سندس حد نه هجڻ جي باوجود به ڪيس مدد لاءِ گهرائيندا هئا. بابي سائين کان اهڙن ڪيسن جون ڳالهيون ٻڌي مان پاڻ ته ڳنڍ ڇوڙ ڪونه ٿيس مگر ڳنڍ ڇوڙن کي ڏسي يڪدم پتو پئجي ويندو هوم ته هيءَ ڳنڍ ڇوڙ آهي!

١٩٤٢ ۾ جڏهين مان نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هوس ان وقت هڪ دفعي گرم ڪوٽ جو ڪپڙو ڪارڊن تي گهٽ قيمت ۾ ملي رهيو هو. مان پنهنجي هڪ پوليس واري دوست کان سندس ڪارڊ وٺي حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ ان دڪان تي ويس. رش هجڻ جي ڪري ٻاهر هڪ طرف ٿي بيٺس. ويجهو ئي ٻي ديوان بيهي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته هڪ مسلمان به اچي انهن سان گڏ بيٺو. سندس ڪلهي تي انگوڇو رکيل هو. مون ڪيس ڏٺو

۽ سمجهي ويس ته هي ڳنڍ ڇوڙ آهي. ان ماڻهوءَ پنهنجي
کلهي واري ڪپڙي جي هيٺان پنهنجو هٿ هڪ ديوان
جي ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ وجهي رقم ڪڍي
ورتي ۽ پوءِ هو آهستي آهستي سري گهاٽ جي طرف
وڃڻ لڳو. مان به منٽ ٻه رڪي انجي ڪڍ وڃڻ لڳس
انهيءَ ارادي سان ته ڪافي اڳتي وڃي کيس روڪيان
۽ ڪجهه رقم ڪانئس وٺان!

ديوانن کي بعد ۾ پتو پئجي ويو ۽ هو ٽيئي ان
ماڻهوءَ جي پٺيان تکڙو تکڙو وڃڻ لڳا. جڏهن اهو
مونکي ٿورو ويجهو پهتا ته مون انهن مان هڪ کي
چوندي ٻڌو ته "هيءُ به (يعني مان) هن سان گڏ هو."
بهرحال مان ٿورو اڳتي وڌي ڪاٻي طرف واريءَ هڪ
گهٽيءَ ۾ لڙي پيس. جيڪڏهين خدانخواسته مونکي به
پڪڙين ها (چاڪاڻ ته مان به ڪافي وقت انهن جي
ٿورو پرپرو بيٺو هوس) ته الائجي ڇا ٿئي ها ۽ انهيءَ
حالت ۾ اڄ مونکي ڳنڍ ڇوڙ اديب جي نالي، سان،
اوهين سڀئي، پڪاريو ها ۽ پوءِ — پوءِ شايد مان پنهنجو
تخلص "ڪروڙ پتي" جي "بدران "ڳنڍ ڇوڙ" رکان ها
جيئن مان توهان سميت سڀني کي چئي سگهان ها ته
سهنجو تخلص، "ڳنڍ ڇوڙ" آهي تنهنڪري ادب نواز
ماڻهون مونکي ڳنڍ ڇوڙ چون ٿا.

۲۷ — جولاءِ ۱۹۸۷ع. محمد حسين اعوان "ڪروڙ پتي"
(۽ نه ڳنڍ ڇوڙ)

# ماسي ۽ مجيد

مصنف

محمد حسين اعوان ڪروڙ پتي

اڄڪي گهوٽ ته نشا ٿيويٺي!



ڏنڊو ڪونڊو پبليڪيشن

۳- دادا گارڊن - جمال دين افغاني روڊ
شرف آباد - ڪراچي.

چپائيلدڙ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن
ماسي ۽ مجيد

ڏنڊو ڪونڊو پبليڪيشن جو
ڪتاب نمبر

ٽائيٽل ڊزائين : اصغر علي عزيزآباد ڪراچي

اشاعت آڪٽوبر ١٩٨٧

تعداد ١٠٠٠

قيمت سپر ڊيلڪس ايڊيشن ٤٠ روپيه

پرنٽرز واحد آرٽ پرنٽنگ پريس
فون ٤٢٣٣٣٠

—*—

# فهرست


| | |
|---|---|
| | صفحو |
| منهنجا پوٽان تي اکر | ٩ |
| جوڳي | ١٧ |
| پاڻيٺيو | ٣٧ |
| مينا شوري سان ملاقات | ٤٩ |
| بي شوقين | ٥٩ |
| منهنجو خط – ١٩٥٢ع ۾ لکيل | ٦٩ |
| آلو ۽ اڄ جو عاشق (ادب ڦهيڙ) | ٧٥ |
| بيگم پاره سان ملاقات | ٨٣ |
| ماسي ۽ مجيد | ٩٥ |

# منهنجا پوڙهان ڏي اکر

منهنجي ڪتاب نمبر ٢ ”نبض شناس“ ۾ هندستان جي ٻن ٽاپ جي فلم ايڪٽريسن سان منهنجي ملاقات شامل آهي ۽ منهنجي هن ڪتاب نمبر ٣ ”ماسي ۽ مجيد“ ۾ ٻه اهڙين ”واه جو“ ايڪٽريائين سان منهنجي ملاقاتن جو ذڪر ”گهڻون خير“ درج آهي. هنن حالن احوالن ۾ سندن بنگلن جا نمبر ۽ ايڊريسون، ٽيليفون نمبر، ماءُ پيءُ، شوهرن يا سنگتين ساٿين، پٽن ۽ نياڻين، ڀائرن، ڀينرن، ڀاچاين، ڪن ٻين ويجهن عزيزن ۽ نوڪرن نوڪرياڻين جا نالا ۽ سندن ڪجهه سٺن يا ڪڏن ڪرتوتن جي باري ۾ درج ڪيل ڳالهيون جيڪڏهين روپئي جا سادا سورنهن آنه نه، ته گهٽ ۾ گهٽ پوڻا پندرنهن آنه بلڪل درست آهن.

منهنجو مرحوم والد صاحب پاڻ ريلوي پوليس ۽ گهڻون ڪري ٽنڊو آدم ۾ هوندو هو، سندس دوست احباب ۽ مهربان وڏ ۾ وڏ درجي جا شهري هئا جن ۾ نوابشاه جي سائين نظر شاه جا والد مرحوم سيد خير شاه، نوابشاهه جو سائين حيدر شاهه، نيو سعيد آباد جو مرحوم سائين مهدي شاهه، پيراني جو مرحوم جان محمد خان مري ۽ پيراني ۽ مير حسن مريءَ جا پيا مري

صاحب جن ۾ رسول بخش خان مري جو والد مرحوم ڪريم داد به شامل هو ۽ چام صادق علي خان، چام سبب علي خان، چام شير علي خان ۽ چام امير علي خان. ٽنڊو آدم جو مرحوم محمد الياس يوسفاڻي ڊپٽي ڪمشنر به مئهنجي والد صاحب جو ننڍي هوندي کان ئي سنگتي هو ۽ پاڻ ۾ ملهه به وڙهندا هئا. حيدرآباد جو مشهور وڏو وڪيل ڏيئل مل، بمبئي جو مشهور ۽ وڏو فلم پروڊيوسر ڪي. آصف جنهن فلم ”مغل اعظم“ ٺاهي هئي جنهن ۾ هندستان جي گهڻون ڪري سيني وڏن ائڪٽرن ۽ ائڪٽريسن ڪم ڪيو هو، سو به بابي سائين جو سنو دوست هو.

بابي سائين جي رٽائرمينٽ کان پوءِ شايد ١٩٥١ ڌاري ڪين ڪي. آصف بمبئي مان خط لکيو هو جنهن ۾ هن اهو به چاتايو هو ته بمبئي جي نزديڪ ريلوي جي بوگيءَ ۾ هو پنهنجي هڪ دوست سان سندن ذڪر ڪري رهيو هو ۽ چيو هئائين ته رٽائرمينٽ کان پوءِ هو هاڻي خدا کي خبر ته ڪٿي هوندا. ان ڪمپارٽمينٽ ۾ ٻيو هڪ ماڻهون به هو جيڪو شايد سنڌ جو هندو هو، تنهن ڪي. آصف جڏي اها ڳالهه ٻڌي ڪيس چيو ته چاچو غلام حسين اتي ٽنڊو آدم ۾ ئي آهي ۽ جيڪڏهين اوهين ڪين ريلوي پوليس ٽنڊو آدم جي ايڊريس تي خط موڪليندا ته ڪين ضرور ملندو. ان بعد ڪي. آصف منهنجي والد صاحب کي اهو خط لکيو هو

۽ ممتين حقيقت ان خط ۾ چاڻائينديءَ وڏيڪ لکيو هئائون ته سندس ڪي ويجها عزيز ناظم آباد ڪراچي ۾ رهندا آهن ۽ اوهين مهرباني ڪري ڪراچي انهن جي گهر وڃي ڪاڻن سندن حال احوال ونجو. ان خط ملڻ بعد بابو سائين ڪي. آصف جي انهن عزيزن وٽ ويو هو ۽ مان به ساڻن گڏ هوس.

جڏهين مون ڪين ڪي. آصف جو اهو خط پڙهي ٻڌايو هو ته بابي سائين مونکي چرچي طور چيو هو، ”ڏس منهنجا کهڙا دوست آهن ۽ بمبئي طرف ترينن ۾ به منهنجو ذڪر نڪري ٿو — آهن تنهنجا ڪي اهڙا دوست!“ ان ڳالهه کان پوءِ مونکي شوق ٿيو ته مان هندستان جي وڏن فلم ائڪٽرن سان سنگت رکان!! — پهرين مسخرن جو خيال آيم — نور محمد چارلي، غوري، ٻڪسٽ، مرزا مشرف، گوپ، پڏو آڏواڻي، فضلو ۽ بلبلي وغيره. پوءِ خيال ڪيم ته مسخرن سان دوستي رکندس ته مان به ”مسخرو“ ٿي پوندس ۽ مونکي پنهنجو حليو به مسخرن وانگر بنائڻو پوندو. انهيءَ ڪري خيال ڪيم ته وڏن هيرو ائڪٽرن سان دوستي رکان — مظهر خان، پرٿوي راج، اشوڪ ڪمار، دليپ ڪمار، راج ڪپور، غلام محمد، ايم اسماعيل، سوتي لال، سريندر، نذير، اي بليموريا ۽ ڊي. بليموريا، ڪي. ايل سهگل وغيره — دوستن سان جڏهين اهڙو ذڪر ڪيم ته هڪ بلڪل اوهان جهڙي سياڻي دوست

۽ شروع ڪري ڏنيون ــ خوابن ۾ ــ گهڻ خرچ تي !

جيڪڏهين هندستان جي ڪنهن لکٽي داس يا داسي ۽ ڪنهن پڙهٽي مل يا ماسي جي نظر مان مون اداسي جا هي "پوٽان تي اکر" گذرن ته هو مهرٻاني ڪري ڪي. آصف سان ملي مون محمد حسين ولد غلام حسين ٺنڊي آدم واري جا ڪيس سلام ڏين (وعليڪم سلام) ۽ منهنجي پاران چونس ته هو تمام جلد هڪ عشقيه فلم ليلي مجنون، سسئي پنهون، هير رانجها، مرزا صاحبان ۽ سهڻي ميهار جي طرز تي ناهين ۽ ان فلم جو نالو "ڪامني ڪوشل ۽ ڪروڙ پتي" رکي ان ۾ هيرو جو پارٽ پنهنجي ٺنڊو آدم واري دوست جي فرزند ارجمند ۽ ضرورتمند کي ۽ هيروئن جو پارٽ ڪامني ڪوشل بنت اوما ڪيشپ کي ڏيئي پنهنجي عاقبت موچاري ڪن ! ــ مگر هن فلم جي اينڊ مٿي چاٺايل فلمن جهڙي ٽريجڊي نه ٿئي ۽ هيءَ فلم هيرو هيروئن جي شادي خانه آبادي تي ختم ٿئي.

جيئن ته هيرو يعني مان، مسلو آهيان ۽ هيروئن ڪامني ڪوشل هندو ٺهڪري اسان جي نڪاح لاءِ فلم ۾ هڪ مولوي صاحب ڏيکاريو وڃي ۽ هڪ چوٽيءَ سان پنڊت. ٻئي واري وٽيءَ نڪاح پڙهائين. ڪامنيءَ کي حق مهر ڏيڻ لاءِ ساڍا ست لک روپيه ڪي. آصف منهنجي ڪراچي جي مسلم ڪامرشل بئنڪ جي کاتي ۾ جلد جمع ڪرائي ڇڏي جا رقم مان ضرورت وقت

ڪنوار ڪامني ڪوشل کي ڏيندس جيڪڏهين هن ملبل رقم جي مونکي يادگيري رهي ته.

جيئن هندستان جا هندو ۽ پاڪستان جا مسلمان سڀ خوش ٿين ۽ سئنيمائن جي پردن تي پٿر بازي نه ڪن، نڪاح مهل منهنجي مٿي تي ترڪي ٽوپي هجي ۽ هيٺ ڌوتي ۽ ڪامني ڪوشل کي هيٺ ساڙهي ۽ بلائوز ۽ مٿي ڪان ڪلهن تائين پراڻي نموني جو اڇي ۽ پرت واري ٽوپيءَ جو سنڌي برقو جيڪو ڪلهن جي ليول ڪان گولائي ۾ پورو ڪٽيل هجي جيئن ڪامنيءَ جو بلائوز ۽ ساڙهي صاف نظر اچن. ٽاڻن جي چوڌاري ڦيرا ڏيڻ مهل منهنجي ڌوتيءَ جي ڪنڊ سان ڪامني ڪوشل جي ساڙهي جي ڪنڊ ٻڌل هجي ۽ منهنجي ترڪي ٽوپيءَ جي ڦندڻ سان هڪ ڪچو ڌاڳو ويڙهيل هجي ۽ ان ڌاڳي جو ٻيو ڇيڙو ڪامنيءَ جي برقي جي ٽوپيءَ ۾ ٽنبيل هجي! ڦيرا ڏيڻ وقت بئڪ گرائونڊ ڪان هڪ بلند آواز ۾ ڪو چوي:-

جذبو عشق جو سلامت آ ته ڏسندا رهو
ڪچي ڌاڳي سان گهلجي ايندي ڪامني ڪوشل

جيڪڏهين ڪي. آصف منهنجي عمر ۽ شڪل صورت جي باري آڏو اهتو سوال ڪري ته ٦٤ سالن جي بدران منهنجي عمر ٤٦ سال ٻڌائي وڃي ۽ منهنجي رنگ روپ لاءِ فقط اينترو ڪوڙ ڳالهايو وڃي ته، ”بس — ڪيا بات!

شهزادو جوان آهي ۽ انگريز ٿو لڳي !!“ منهنجي ڪاري چمڙي ۽ پيگل ڏندن تي بجاءِ روشني جي اونده وڌي وڃي. ڪي. آصف ضرور اهڙي فلم ٺاهڻ جو وعدو ڪندو ۽ پوءِ اهي صاحب ۽ صاحبڻيون ترت ڪامني ڪوشل سان ملي ان فلم بابت ڪيس پڌائين ۽ چونس ته هوءَ يڪدم مون ڏانهن ڪراچي - بمبئي - ڪراچي جي پيڊ ايئر ٽڪيٽ موڪلي ۽ پنهنجي بورچيخاني جي ڊيپ فريزر ۾ واڱڻ ۽ ٽماٽن جو چڱو انداز موجود رکي.

انهي سموري ڪم جي عيوض مان بمبئي جي انهن هندو مهربانن سان سال ڏيڍ جي اندر پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ مسلمانڪي بهشت مان ڪڙڪيءَ رستي نڪري هندڪي سورڳ ۾ بئڪ ڊور کان داخل ٿي سندن چلم تي ٽانڊو رکي پيو ڏيندس —— اهڙي ضمانت لاءِ مان پنهنجي مهربان خواجه قلب علي ”ٽڪلو“ جو نالو پيش ڪريان ٿو ۽ اهڙي ڪوڙي ضمانت جي بدلي ۾ رشوت طور سندن فوٽو هيٺ ڏيندي مان پنهنجي هنن ”پوٽن ٽن اکرن“ جو انتساب، ري نشي ري دولاب ۽ بنان ڪنهن زور بار يا دڙڪي دهمان يا گهٽي لالچ جي، سندن سهڻي نالي ڪريان ٿو، عارضي طور —— فقط ۲۶ آگسٽ ۲۰۸۷ع آفٽر نون ٽائين!

مان آخر ۾ مهربان ڪي. آصف کي اها اٿارٽي به ڏيان ٿو ته جيڪڏهن مونکي مٿي چاڙهايل ساڍا ستٽ لک روپيه وسري وڃن ته فلم ”ڪامني ڪوشل ۽

ڪروڙ پتي" ۾ ڪامياب هيرو جو پارٽ ادا ڪرڻ جي عيوض منهنجن ڏهن لکن روپين مان اهي سادا ست لک روپيه ڪاٽي ڪري باقي ادائي لک روپيه هو صاحب مون ڏانهن منهنجن هيٺ ڄاڻايل مهربانن جي معرفت ڏياري موڪلي. ڪي. آصف اهو البت ضرور ياد رکي ته سيٺئي چيڪ منهنجي پنهنجي نالي نڪتل هجڻ ۽ ڪراسڊ به هجن ۽ "پيئيز اڪائونٽ اونلي" به هجن جيئن منهنجن انهن مهربانن کي ڀي ڪا تڪليف ڪرڻي نه پوي:

١. مهربان سائين محمد ابراهيم جويو — اٺونجاه هزار روپيه.
٢. " " ڊاڪٽر در محمد خان پٺاڻ — " " "
٣. " " ڪريم بخش خالد — " " "
٤. " " قمر شهباز — " " "
٥. " " خواجه قلب علي تڪلو — ستيتاليهه هزار روپيه

باقي ست هزار روپيه ڪي. آصف ڪامني ڪوشل جي بورچياڻي کي منهنجي طرفان ڏيئي ڇڏي.

"تڪلو"



"تڪلو"

ڪراچي — ٢٧ آگسٽ ١٩٨٧ع. محمد حسين اعوان "ڪروڙ پتي".

جوڳي

# انتساب



جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نالي

# جوڳي

ٿورن ڏينهن جي ڳالهه آهي. پاڪستان ميل جي حادثي کان هڪ يا ٻه ڏينهن پوءِ جي. مان حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي انٽر ڪلاس ويٽنگ روم ۾ ويهي گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهيو هوس. ان وقت رات جا ڏهه لڳا هئا. منهنجي سامهون ٻيءَ بينچ تي هڪ نوجوان ويٺو هو. ڪيس ڪڪري رنگ يا ڳوڙهي نيري رنگ جي پتلون پيل هئي ۽ ٻانهن سان پٽا پٽي سويٽر. پيرن ۾ يا ته سچ پچ نانگ جي کل جو بوٽ هوس يا اهڙن چٽن سان پلاسٽڪ جو جوتو. مٿي تي ڊگها وار هيس جي وچان سينڌ جي ڪري پورن ٻن حصن ۾ ورهايل هئا. سندس ٻنهي ڪنن ۾ عطر جا وڏا ڦڙا پيل هئا. حنا جي خوشبو ڪنهن ڪنهن مهل منهنجي نڪ تائين به اچي ٿي پهتي.

منهنجي هٿ ۾ لاهور مان نڪرندڙ ماهوار رسالي "ڊائريڪٽر" جو سالنامو هو. چند منٽن کان پوءِ ان نوجوان رسالو مون کان گهريو مگر هڪدم واپس ڪندي چيائين، "مون سمورو پڙهيو آهي. اوهان کي هن رسالي جو ڪهڙو مضمون يا افسانو زياده پسند آيو؟" مون دل ۾ چيو چڱو جو هن ڳالهه ٻولهه شروع

ڪئي، هاڻي وقت ڪجهه جلد گذرندو ڇاڪاڻ ته گاڏيءَ جو اڃان ڪوبه پتو نه هو. ڪيس جواب ڏنم، ”مون ان جا فقط به يا ٽي مضمون پڙهيا آهن جن مان چوڌري انعام الحق جي ترجمو ڪيل ڪهاڻي، ميري ڪهاڻي، لاشڪ عجيب آهي“. نوجوان مشڪي پڇيو، ”ڇو؟“ مون مفلر سان، پنهنجا ڪن ڍڪيندي ورائيو، ”ڪهاڻيءَ ۾ ڏيڪاريل آهي ته هڪ پڊو فلاسافر هڪ نوجوان کي پنهنجي ملڪيت جي لالچ ڏيئي هٿ ڪري ۽ هڪ دفعي هوٽل ۾ چانهه پيئڻ وقت سائي رنگ جو هڪ سفوف پنهنجي ڪوپ ۾ به وجهي ٿو ۽ ان نوجوان جي ڪوپ ۾ به. اهڙي چانهه پيئڻ جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو پڊي فلاسافر جو روح نوجوان جي بت ۾ منتقل ٿي ٿو وڃي ۽ ان نوجوان جو روح فلاسافر جي ڪمزور ۽ ڏٻري بدن ۾! ـــ ڇا اها عجيب ڳالهه نه آهي؟“ مون داد طلب نظرن سان نوجوان ڏي نهاريو. نوجوان پنهنجو بينچ ڇڪي مون ڏانهن ويجهو ڪيو ۽ چيائين، ”بلڪل نه. ڪنهن به ممڪن ڳالهه کي عجيب نٿو چئي سگهجي“. مون پنهنجي اوور ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهندي چيو، ”ته ڇا توهين....“ نوجوان منهنجي ڳالهه کي ڪپيندي چيو، ”اوهانکي سردي محسوس ٿي رهي آهي، بهتر آهي چانهه گهرائي پيو.“ نوجوان ٺيڪ چيو هو ڇاڪاڻ ته مونکي سردي به محسوس ٿي رهي هئي ۽ ڪجهه ننڊ جو خمار به

چڙهي رهيو هوم. مان اسٽال واري ڪان چانهه جا ٻه
ڪوپ نهرائي ڪٺي آيس ۽ ان مان هڪ ڪوپ نوجوان
جي پاسي ۾ سندس بينچ تي رکيم. نوجوان چپ چاپ
پنهنجي ٿيلهي مان هڪ پڙڪيٽ ڪڍي ڪوليو جنهن
۾ سائي رنگ جو سفوف پيل هو. ان سفوف مان هڪ
چپٽي منهنجي ڪوپ ۾ وڌائين ۽ هڪ پنهنجي ڪوپ
۾، مان حيرت وچان نوجوان جي منهن ڏانهن ڏسڻ
لڳس ۽ خيال ڪرڻ لڳس ته هي نوجوان به ڪو فلاسافر
ته نه آهي جو پنهنجو روح منهنجي وجود ۾ داخل ڪرڻ
گهري ٿو! — مون ڪيس پيرن کان مٿي تائين چتائي
ڏٺو. هو مون کان وڌيڪ ڏٺو مٺو ۽ تندرست توانو
هو. نوجوان شايد منهنجو خيال سمجهي ويو ۽ هڪ
ٺهڪ ڏيندي چيائين، "اوهين دلجاء ڪريو. منهنجو
بدن مونکي بيحد عزيز آهي، اهو مان ڪنهن به قيمت تي
توهان جي بدن سان تبديل ڪرڻ لاء تيار نه ٿيندس"
مان شرمسار ٿيس ۽ پنهنجي بيوقوفي واري خيال جي
ڪري پاڻ تي ڦٽڪار وجهڻ لڳس. مون ڪوپ ڪڻي
چپن تائين آندو — وري هڪ نئون شڪ دل ۾ پيدا
ٿيم — ڌاتورو، ڪٿي هيءَ سائي چيز ڌاتورو ته نه آهي! —
اخبارن ۾ اهڙن ڪيسن بابت اڪثر پڙهيو اٿم. مون
چانهه جو ڪوپ وري پنهنجي بينچ تي رکي ڇڏيو.
نوجوان جو چند منٽ اڳ مونکي هڪ شريف ماڻهون
معلوم ٿيڻ لڳو هو. تنهن کي مان هاڻي غندو سمجهڻ

ڪيڏي اهو ساڳيو سفوف ٿي ٿي پيرا پنهنجين اکين ۾ سرمي وانگر پاڙائين. ٿورڙو سفوف پنهنجي پيشانيءَ تي مهٽيائين ۽ پوءِ ته چپٽيون ان سفوف جون پيهر پنهنجي چانهه جي ڪوپ ۾ وجهي چاهه پاڻيءَ وانگر پي ويو. ان بعد وري پنهنجا ساڳيا الفاظ دهرايائين، ”اوهين يقين ڪريو هيءَ چيز ڏاتورو هرگز نه آهي“. مان نهايت شرمسار ٿيس ۽ پنهنجي چانهه جيڪا ٿوپ ٺري چڪي هئي پي ويس. نوجوان جي ڪيل حرڪتن تي حيران البت هوس.

نوجوان هاڻي سڌو ٿي ويٺو ۽ منهنجيءَ جهوليءَ ۾ رکيل رسالي ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي چيائين، ”اوهان پنهنجي فوٽو ۾ ڪتاب ”ماسي ۽ مجيد“ ساڄي هٿ ۾ جهليو آهي. بهتر پوز ٿئي ها جيڪڏهين اهو اوهين پنهنجي کاٻي هٿ ۾ جهليو ها!“ مان عجب ۾ پئجي ويس ته منهنجو فوٽو هن ڪيئن ڏٺو جيڪو هڪ خاڪي رنگ جي لفافي ۾ پيل هو ۽ اهو لفافو رسالي جي اندر رکيل هو ۽ رسالو ته هن نوجوان مون کان وٺي بنان ان کي کولڻ جي مونکي يڪدم واپس ڏيئي ڇڏيو ها! ـــ مان اهو ڪاڻس پڇڻ وارو هوس ته هو يڪدم لڙي منهنجي بلڪل ويجهو ٿيو ۽ پنهنجا ڏند مونکي ڏيکاريندي چيائين، ”اوهانجي خيال موجب مان ڪيتري عمر جو هوندس؟“ مون سندس چهري ڏانهن غور سان نهاريندي جواب ڏنو، ”بس، پنجويهن ٽيهن

سالن جي اندر.“ نوجوان مشڪندي چيو، ”مان ميرن وٽ منشي هوس!“. ”ڪهڙا مير؟“ مون ڪانئس پڇيو، ”ٽندو مير محمود وارا مير ته مان سڀ سڃاڻان ۽ انهن مان ڪيترا ته منهنجا مهربان دوست آهن: مير حاجي علي احمد خان، مير رسول بخش خان، مير فيض محمد خان، مير جان محمد خان ــــ اوهين ڪهڙي مير صاحب وٽ منشي هئا؟“ نوجوان بجاءِ مونکي جواب ڏيڻ جي، ٻيو سوال ڪيو، ”اوهان ديوان گدو مل ته ڄاڻدا هوندو، ميرن جي صاحبي وارو؟“ مون ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي. نوجوان چيو، ”اهو ديوان گدو مل جيڪڏهين جيئرو جاڳندو، توهان جي اڳيان اچي بيهي ته؟“ ــــ مونکي انهيءَ سوال تي عجب به لڳو ۽ ڪجهه خوف به محسوس ڪيم ڇاڪاڻ ته منهنجي دل ۽ منهنجو دماغ اڳيئي ڪمزور آهن ۽ ويٽنگ روم ۾ لڳل بلب جي روشني به ان وقت ڪجهه جهڪي ٿي ويئي هئي. ان هوندي به مون پنهنجي منهن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”اول ته مان ڪيس سڃاڻندس ڪونه مگر ڪنهن نموني پتو پئجي وڃي ته اهو ديوان گدو مل سچ پچ منهنجي سامهون بيٺل آهي ته مان جيڪر پاسي واري باٿ روم جي پٺين در مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندس!“ نوجوان ڪليو ۽ چيائين، ”ٺيڪ آهي ديوان گدو مل هتي هرگز نٿو اچي سگهي ــــ مگر ــــ مگر مان انهيءَ ئي ديوان گدو مل جي هيٺان

جيڪڏهين تڪليف نہ سمجهو تہ پنهنجي اها ڪهاڻي ٻڌڻ جو شرف مونکي بہ حاصل ڪرڻ ڏيو."

ان نوجوان نما ٻيڍي جي لاءِ منهنجي دل ۾ عزت وڌي ويئي ــ ايتري عزت، جو جيڪر هو چاهي ها تہ مان سندس ٽنگن کي بہ زور ڏيان ها ــ ۽ پوءِ هٿ ادب جا ٻڌي پڇانس ها، "ٻي ڪا، ڪار خذمت!" نوجوان هاڻي پنهنجيون ٻئي ٽنگون بينچ تي مٿي رکي آرام سان ٽي وينو ۽ چيائين، "تڪليف تہ نہ ٿيندي البت سردي هاڻي وڌيڪ محسوس ٿي رهي آهي مونکي بہ ۽ شايد اوهانکي بہ." مان ڪهاڻي ٻڌڻ جي شوق ۾ يڪدم اٿيس چانهہ جا ٻيا بہ ڪوپ نهرائي ڪٺي آيس. هن دفعي هن چانهہ ۾ اهو سفوف نہ ملايو ۽ چانهہ جو هڪ ڍڪ پري چيائين، "ڪهاڻي تمام وڏي آهي ــ ايتري وڏي جيتري شايد منهنجي عمر ۽ جيڪڏهين ان ڪهاڻيءَ کي مان تفصيل سان بيان ڪندس تہ گاڏيءَ جي اچڻ تائين پوري نہ ٿي سگهندي، تنهن ڪري ڪهاڻيءَ کي بلڪل مختصر ڪري عرض رکان ٿو."

"مان ديوان گدو مل جي هيٺان ان وقت جي مير صاحبن جو منشي هوس ۽ ڪڏهين ڪڏهين ميرن جي پرائيويٽ ڪچهريءَ ۾ ديوان گدو مل سان گڏ شموليت جو شرف مونکي بہ حاصل ٿي ويندو هو. انهن ڪچهرين ۾ وقتي اهڙن سنياسين جو ذڪر اچي نڪرندو هو جيڪي

پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو ! — خير هيءَ دوا ڪنهن محفوظ جڳهه تي مونکي رکڻي پوندي. وري هڪ ٻيو خيال دل ۾ آيم. بابو ويچارو ته هينئر جهونو ٿيو آهي. ان لاءِ ته هن دوا جي ضرورت آهي. ڪيترو نه چڱو ٿئي جو نوجوان هڪ ٻيو پئڪيٽ به مونکي ڏيئي ڇڏي! — ارادو ڪيم ته ٻيو پئڪيٽ سندس ٿيلهي مان چوري ڪيدي وٺان — ٿيلهي ڏانهن هٿ ٿي وڌايم ته نوجوان ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿيو. مون ٿيلهو ڪلي سندس هٿ ۾ ڏنو ڇاڪاڻ ته ٽرين به اسٽيشن ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

گاڏي اچي اسٽيشن تي بيٺي. نوجوان وڃڻ لڳو. مون ڏانهن ڪئي "توهان پنهنجو نالو ۽ پتو ته ڪونه ٻڌايو؟" نوجوان پنهنجي پتلون جي کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪيدي مونکي ڏنو ۽ پوءِ هو سامهون واري ٽرڊ ڪلاس ۾ داخل ٿي ويو. مان انٽر ڪلاس ڳولڻ لڳس ۽ آخر انجڻ جي ويجهو هڪ انٽر ڪلاس ۾ چڙهي پيس. نوجوان کان ورتل ڪاغذ مون پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ انکي پڙهڻ جو خيال نه رهيم. گاڏي جڏهين نوابشاهه کي ويجهو پهتي، منهنجي سامهون هڪ مولوي نما اتراڏي جوان مونکي چيو، "فوٽو ڪيدائڻ گناه آهي، فوٽو نه ڪيدرائيندا ڪريو". مان عجب ۾ پئجي ويس ته هنکي ڪيئن منهنجي فوٽو جي خبر پيئي جو منهنجي رسالي جي اندر لفافي ۾ رکيل

هو ۽ رسالو منهنجي جهوليءَ ۾ پيو هو! — هي اتراڏي به ته ڪٿي ڪنهن اهڙي سنياسيءَ جو شيوڪ نه رهيو آهي؟ — هن به ڪٿي طلسمي ٻوٽي ته نه واپرائي آهي!! — اتراڏي جوان کي گوڏ ٻڌل هئي ۽ هو پنهنجيون ٻئي ٽنگون مٿي رکي ويٺو هو. اوچتو منهنجي نظر وچ-ي سندس ٽنگ جي هڪ نشان تي پيئي. اهڙو ئي نشان جهڙو هن ويٽنگ روم واري نوجوان جي ٽنگ تي هو! — عمر جو آئينو!! مونکي پڪ ٿي ويئي ته يقيناً هن به اها ساڳي ٻوٽي کاڌي آهي. خوش ٿيس ته بابي سائين لاءِ هڪ پڙيڪيٽ هن جوان کان ڪڍي سگهندس — ۽ پوءِ — ٻوٽين جي استعمال کانپوءِ اسين ٻئي پيءُ پٽ ڪنهن خزاني جي تلاش ۾ نڪرنداسين - زمين ۾ پوريل خزانو! - ۽ پوءِ اسانجا سڀ قرض پڪا لهي ويندا ۽ حيدرآباد ۾ هڪ وڏو بلڪل وڏو بنگلو به نهرائينداسين — ۽ - ۽ جي ٿي نه ته گهٽ ۾ گهٽ به موٽرون، هڪ بيوڪ ۽ ٻي مرڪيوري ضرور وٺنداسين.

. مون اتراڏي جوان جي ٽنگ کي زور ڏيندي کانئس پڇيو، ”اوهانجي عمر پوٽان به سو سال آهي؟“ ”پوٽان به سو سال!“ جوان کلي چيو، ”مان ته ادا اڃان ستاويهن سالن جو به مس آهيان.“ مون دل ۾ چيو پڪ ئي پڪ هي جوان پنهنجو ڀيد کولڻ نٿو چاهي تنهن ڪري ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. مون سندس ٽنگ واري نشان کي پنهنجي آڱر سان ڇهندي فاتحانه

انداز ۾ چيو، "تہ پوءِ هيءَ نشان؟" هن وراڻيو نںڍي هوندي هڪ ڦرڙي نڪتي هيم، هيءَ انهيءَ جو نشان آهي". "ڦرڙيءَ جو نشان!" مون عجب مان چيو، "۽ اوهانکي اها خبر ڪيئن پيئي تہ مون فوٽو ڪيرايو آهي؟" هن مشڪي جواب ڏنو، "جنهن مهل اوهان ڪاڪوس ۾ ويٺؤ، ان مهل مون اوهانجو هيءَ رسالو سيٽ تان کڻي ڏٺو هو ۽ ان ۾ پيل اوهانجو فوٽو بہ ڏٺو هوم". "ٺيڪ آهي ٺيڪ" مون پنهنجا چپ چٻاڙيندي چيو. مان بہ پيرا ڪن حيدرآباد جي ويٽنگ روم جي باٿ روم ۾ ويو هوس — پيشاب ڪرڻ! مونکي ان وقت هن پهرين نوجوان جي ڏنل ڪاغذ جو بہ خيال آيو ۽ مان اهو کيسي مان ڪڍي پڙهڻ لڳس اهو هڪ اشتهار هو جنهنجي عبارت هئي:-

طلسمي ڦڪي!

ننڍپڻ جي خراب عادتن جي شڪار ٿيل نوجوانن لاءِ هڪ بي بها تحفو! — پڍن کي جوان ۽ جوانن کي نوجوان بنجڻ لاءِ سونهري موقعو! ڦر نہ کهنا همين خبر نہ هئي!!

ڦڪي بنهي، ڪاٺ ۽ سڄي بت کي لڳائڻ جو ڪم ڏئي ٿي. ڪڙي تيل ۾ چند ڇپٽيون وجهي سموري بدن تي لڳائڻ جو ڪم ڏئي ٿي ۽ صبح شام ان جي هڪ هڪ رتي ڪاري ٻڪري جي اڌ پاءُ کير ۾ وجهي کائڻ جو ڪم ڏئي ٿي. اهڙيءَ طرح

ڪجهه ڏينهنن جي استعمال ڪانپوءِ نتيجو ڪهڙو نڪري ٿو، انکي بيان ڪرڻ جي نہ تهذيب اجازت ڏئي ٿي ۽ نہ ئي وري بدتهذيبي!

طلسمي ڦڪي پين بہ انيڪ مرضن ۾ مختلف طريقن سان استعمال ڪري سگهجي ٿي. روزانو ڦڪيءَ کي سرمي طور استعمال ڪرڻ سان اکين جا سڀ مرض موتئي پاڻي ۽ ڪاري پاڻي سميت جلد ۽ هميشہ لاءِ دور ٿين ٿا. ڦڪيءَ جي ناس ڏيڻ سان نزلو زڪام ختم ٿئي ٿو، دماغ کلي ٿو ۽ انسان افسانہ نويس بنجي ٿو. جيڪي انسان اڳيئي افسانہ نويس آهن ۽ پين جا افسانہ چورائي پنهنجي نالي سان شايع ڪرائين ٿا اهي اها سني، عادت ڇڏي "ڪروڙ پتي" جهڙا ايماندار افسانہ نويس بنجن ٿا! هر روز ٿي پيرا چند پناڻن وانگر وات ۾ نسوار طور استعمال ڪرڻ سان ڏند مضبوط ٿين ٿا. جن ماڻهن کي قبضي رهندي آهي اهي ماڻهون رات جو سمهڻ مهل هڪ چپٽي پنهنجي دن ۾ وجهي سمهي رهن تہ صبح جو ڪاڪوس مان سيٽي يا چپٽيون وڄائيندي ورندا. ڦڪي مينديءَ ۾ ملائي وارن تي لڳائڻ سان وار ڊگها ۽ پڪيءَ طرح ڪارا ٿين ٿا. گرم پاڻيءَ ۾ ملائي انجا چند قطره ڪنن ۾ وجهڻ سان ڪنن جي ٻوڙاڻ ۽ ٻيون تڪليفون دور دفع ٿين ٿيون. ڦڪي جيڪڏهين پاڻيءَ جي بجاءِ ترن جي تيل ۾ ملائي ڪنن ۾ وجهبي تہ انسان سترنهن ڏينهنن

ڪانپوءِ جانورن ۽ پکين جي ٻولي ٻه سمجهڻ لڳي ٿو دوران استعمال تيل جون شيون، ڪتاڻ، چٽڻ جي دال، ڳڙ ۽ اَٽ سميت وڏن جانورن جي گوشت وغيره کائڻ جي عام اجازت آهي ـــ مگر جي دال، ڪچٽي، ننڍي چيلي جو گوشت ۽ اهڙين ٻين زود هضم شين کان پرهيز البت لازمي آهي. قيمت هڪ پئڪيٽ جي ڏهه آنه. ٽپال خرچ الڳ. ٽي پئڪيٽ گڏ گهرائيندڙ کي ٽپال خرچ معاف بشرطيڪ هو پهنجي پاڙي جي حاجتمند حضرات ۽ حاضرات ۾ طلسمي ڦڪيءَ جي چپٽي چپٽي هر جمعرات تي مفت ورهائيندو ۽ اهڙيءَ طرح ثواب دارين حاصل ڪندو.

ضرورتمند اصحاب هيٺئين پته تان هڪدم گهرائين متان پوءِ اها ڦڪي نه ملين ۽ پريشان ٿين ڇاڪاڻ ته گهڻان ماڻهوءَ اها طلسمي ڦڪي هندستان سمگل ڪري اتان پيڙين جا پتا حاصل ڪن ٿا.

جوڳي ـــ معرفت پوسٽ آفيس باڪس نمبر ٩٧٥
ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر سنڌ

پرهندڙ حضرات ٻه پاڻتي مهرباني ڪرڻ لاءِ نوٽ ڪن
جوڳي ـــ معرفت پوسٽ آفيس باڪس نمبر ٩٧٥
ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر سنڌ

## پاگئیو انتساب



مرحومہ بیگم پروین عطا محمد خان مری ...

# پـائـڏيـو

( افسانو نـہ پـر حقيقت ـــ سچي حقيقت نـہ مگر کوڙي! پڙهو ۽ عبرت وٺو مگر تـازو پـرچو! ظولمي پائنئي جا ڪرتوت. پائنئـي جـي پاڙيائي جي ڪهاڻي، مظلوم چاچـي جي زبانـي!! نوان پڙهندڙ لازمي طرح پهرين ”چاچو“ پڙهن ـــ پراڻن پڙهندڙن تي البت ڪابہ قانوني بندش نہ آهي بشرطيڪ هيءُ ڪتاب پيسن سان خريد ڪيو اٿن!!!)

باب پهريون ۽ پويون –

(پائنئي جي غير قانوني پاڙيائي جي بيان ۾)

جن ”چاچو“ پـڙهيو آهي سـي مـونکي گهڻون تا سڃاڻن. جن ”چاچو“ نہ پڙهيو آهي تن سان تعارف جو ضـرور بـہ نٿو سمجهان ـــ ها، ايترو البت چوندس تـہ بدينن جو باشندو آهيان ۽ گذران اٿم پٽ سٽ تي!ـ تنهن ڏينهن هڪڙي پائنئي جو بسترو تنبو آدم مان گول ڪري آيس سو وڪيم. وڪٽائس نہ ها تہ پيو ڪريان بہ چا ها؟ ـــ هڪڙي شي ڪيڏجي تہ پوءِ بي آڻجي. اهـو اصل ڪون اصول اٿـم. سانيڪو ڪـن روپيہ مليا. ڪجهہ بي پٽ سٽ ڪيم. روپين جون مڙيئي ڇهہ سٽ ويهون هٿ ۾ اچي ويون! ـــ اٿم ڪيتي وڏندڙ واپار!

مچي مڙس ٽيو هو! قداور جوان، ڪونج وانگر ڊگهي ڪچي، ڪنڌ البت اڳتي لڙيل، ڪن ننڍا جهڙا مس ڪپڙيءَ جا ٻوچ، نڪ چٽونءَ جي ڇهنب جيان هيٺ تي وريل، اکيون گول ويڪريون آسماني رنگ تي، ننڍو مٿو جنهن تي وچم ٽڪندي چٽي، پير ۾ ڪارو ڏهين لمبر جو سليپر، شبلم جو ڪڙتو، هيٺان ڳاڙهي ڇيٽ جي گوڏ ۽ سندس ڏائي ڪارائيءَ تي گلابي رنگ جو ريشمي رومال ويڙهيل! عمر اٽڪل تي ويهارو سال هيس — مڙس مڙيئي پيدا گير تي ڏنو!!

اسان جا اچان ٻڪ لڳائي پيا هجن ته هن پنهنجو ڪنڌ ٻنتي نوائي چيو، "چاچا تون هتي ڪيئن؟" مون ڪيس ڪرسيءَ تي وهاريندي چيو، "پائنيا، مڙيئي وٽج واپارسين." ڪلي چيائين، "واپاري ته چاچا تون اصل ڏون آهين پر اڄ هتي ڪهڙي واپار سان آئين؟" مون هن لاءِ چانهه جو آڊر ڏيندي چيو، "بديئن ڪان گهجو دٻو ڏيڍ آندو هوم سو وڪيو ٿو وڃان." ان بعد پڇس امير بخش جي خبر چار پڇي مانس. چيائين، "بابو حج تي ويو آهي — مان به پيو خيال ڪيان ته مٿئين سال اهو فرض پورو ڪري اچان." مونکي عجب لڳو ته امير بخش جهڙو ماڻهون ڪيئن حج تي ويو! — چا ٻلي چا بادشاهي جلاب!!

چانهه پيتيسين، گاڏيءَ جو ٽيم اچي پريو هو سو ڪانئس موڪلا ٿي لڳس، پر پائنيو چنبڙي پيم. چيائين،

”چاچا مان تو توکي ائين چڙيان! اڄ ٽڪي پڻ ڏاڍيون ڪچهريون ڪنداسين. سپاٽي جا پاڳ سپاٽي سان.“ هڪڙي شي ڪيڏجي ته پوءِ ٻي آڻجي. بستري جي سخت ضرورت هيم تنهن ڪري سندس چوڻ ٽاري نه سگهيس. چانهه جا پئسا پاڻئي ڏنا ۽ مونکي گهٽين مان گهمرا ڏياريندو وڃي غريب آباد ۾ پنهنجي گهر پيڙو ڪيائين. هندس جاءِ ڪي پنيان هڪ ڪوٺڙي هئي جنهن ڪي ٻاهرين پاسي گهٽيءَ ۾ ٻه هڪ در هو ۽ اوطاق جو ڪم ٻه ٽي ڏنائين. منجهس هڪ ڪٽ، هڪ ٽيبل ۽ هڪ ٽين جي ڪرسي رکيل هئي. مجن هڪدم اندران هڪ ٿاهوڪو بسترو ڪڍي آيو ۽ اچي ڪٽ تي پٿيريائين. چيائين، ”چاچا هاڻ سولو ٿي ويهه. حجاب نه ڪر. گهر پنهنجو اٿيئي.“ دل ۾ چيم گهر پنهنجو اٿم يا نه اٿم البت هيءُ بسترو ته ضرور پنهنجو اٿم.

مون پنهنجو ڪوٽ لاهي ڪليءَ سان ٽي ٽنگيو پر پاڻئي چيو، ”ڪوٽ وهاٽي جي هيٺان ڏيئي ڇڏ. سياڻن چيو آهي ته شي پنهنجي هميشه سوگهي ڪجي ۽ جي اها وڃي ته ڏوهه ڪنهن کي نه ڏجي.“ مون ڪوٽ وهاٽي جي هيٺان رکندي دل ۾ چيو هاڻو پاڻئيا — هاڻي تون ٻه ڪر پنهنجو بسترو سوگهو پوءِ متان ڪنهن کي ڏوهه ڏين!

مونکي وهاري پاڻئيو اندر گهر ۾ ويو ۽ اڌ ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ منهنجي لاءِ ماني ڪڍي آيو. ٻن ٽن قسمن

ٻو پوڙ هو ۽ مانيءَ کي ڏنل هو مک — مونکي ٻه لڳي هئي بک — سو سڀ ڪجهه کائي ڪيم ڪلاس. ياٽني چيو، ”چاچا هاٽي تون لت کوڙي پٽو سمهي— شام جو نڪرنداسين شهر ڏانهن“. مونکي پيٽ ۾ الائي چو اوچتو ګڙ ٻڙ ٿي ۽ جهنګ جو تڪڙو خيال ٿيم. ياٽني کي چيم، ”مجن منا، چاچا کي ڪرو ڪون آڻي ڏيندين؟“ ياٽنو هڪدم اندران ڪرو ڀري آيو ۽ مونکي ڏکڻ طرف هڪ ڪنڊ جو ڏس ڏنائين. مان هاج لاهي اچي ٻي اونو ٿي ستس. سمهڻ کان اڳ بستري جي البت ڪٿ ڪيم. جي پنجاه روپيه نه، ته پنجتيهه رپيا ته خدائيءَ ۾ ٻه ملندا!

پنجين لڳي ڏاري ياٽني اچي مونکي اٿاريو ۽ پنګڙيءَ جو وٽو مونکي پيش ڪندي چيائين، ”چاچا اچي! منهنجي واچ ګوڏو هٽي وئي — ياٽنيا هجن ته او — اهڙا! چيم، ”چاچا يلي يلي اچي — بسترو ياٽني جو بچي!“ ياٽنيو مشڪيو ۽ پڇيائين، ”چاچا انهيءَ جو چا مطلب؟“ چيم، ”ياٽنيا — مطلب وري ڪهڙو! جهڙو تون آهين من موهڻو — تهڙو بسترو اٿي سهڻو!— شل اهو تنهنجي سرسين سدائين سلامت هجي!!“

آبڙو پيٽ ۾ اوتي ٻاهر نڪتاسين. سکرنڊ روڊ، مسجد روڊ، عبدالحميد ميمڻ، شاهنواز لاڙڪ جي ګهرن جي سامهون واري رستي کان ٿيندا، ماشي جي دڪان ۽ بسم الله هوٽل وٽان لڳهندا — اسد الله شاه جي ګهر

وڻان وڪڙ ڪائيندا ـــ فردوس هوٽل ۽ ڪيفي شيراز جي سامهون ٿيندا ـــ پوسٽ آفيس جي پرڪئون موني بازار روڊ ڏيئي چڪرا بازار ڏسندا اچي ڦوٽي جي هوٽل تي پهتاسين. اتي مجن مير جا ٻيا ٻه ٻه چار سنگتي اچي گڏ ٿيا ـــ خوب ڊاڙا ٻشا لڳا! ڪو اپي جي ڳالهه پيو ڪري ته ڪولمي جي - ڪو پورب جي ته ڪو پڇم جي. مڙني مان پائنيو مون وارو مڙيئي ڪفتي تي لڳو! - چورياريءَ ۾ چانهه ٻه چڳي لسٽ ڏني - سچ ٻه لهڻ وارو اچي ٿيو. پائني چيو، ”چاچا اڄ ته توکي فلم ڏيکاريان. تون ٻه ڇا ياد ڪندين ته ڪو پائنيو گڏيو هو!“

مان دل ئي دل ۾ پائني تان قلبان وڃڻ لڳس. ڪيس چيم، ”ٻيلي پائنيا، ڀلا چانهه جا پيسا ڇڏ ته مان ڏيان“. ائين چئي ڪوٽ جي کيشي ڏانهن هٿ وڌايم. پائني منهنجي هٿ کي يڪدم جهلي ورتو. چيائين، ”چاچا ائين مور نه ٿيندو.“ پوءِ پنهنجي کيشي مان پيسا ڪڍندي چيائين، ”هي پيسا ٻه ته تنهنجا ئي آهن!“ قصو ڪوتهه، سڀي لڏي سوڌا اچي ريگل سئنيما تي پهتاسين. مجن مڙني جون ٽڪسون ورتيون ۽ اسان کي اندر وٺي هلي ڳاڍيلن وارين ڪرسين تي وهاريائين.

کيل شروع ٿيو. ٻيا سڀيئي فلم ڏسڻ ۾ لڳي ويا ۽ مان مولائي سوچڻ لڳس ته پائني جو بسترو کهڙي

نموني گول ڪجي. سندس ڪذمتن ڏانهن تي ڏنم ته خيال تي ڪيم ته اڳو پوءِ هفتو ڪن وٺس، ٽڪي، صحت سڌاري، پوءِ ٽپ ٻڌانس! — پر پوءِ پڪو ارادو ڪيم ته رات جو بسترو ڪٽي، پٺئين در ڪان نڪري پين لڳين واريءَ لاهور ميل ۾ ڪسڪي وڃان. خير جي ڪم ۾ دير - ناهي ڪم داناه جو!

ناٽڪ ختم ٿيو. ياٺني جا پيا دوست نه وات تي چڇندا ويا ۽ اسين ٻئي اچي گهر پهتاسين. مونکي در تي بيهاري مجن پاڻ اندر ويو ۽ منٽ ٻن ڪانپوءِ ٻاهر نڪتو. چيائين، ”چاچا، پينگ تي ويٺي! گهر ۾ اچي لٿو آهي مرشد! هاٽي جو هلي هوٽيل تي سمهارياڻ تنهن ڪان ته چڱو ٿيندو جو چناب ٽرين ۾ وڃڻ لاءِ وٽ ڳوٺ جي ٽڪيس.“ مان ته ڊڪرن ۾ اچي ويس پر ڪريئي چا تي سگهيس. آخر ٻئي چٽان اسٽيشن ڏانهن پنڌ پياسين. مونکي بڪ به ڏاڍي لڳل هئي. سمجهيم ته ڦوٽي جي هوٽل تي ياٺنيو پوڇن ڪرائيندو پر ياٺنيو مونکي ٽڪڙو هلائيندو — پڇائيندو سڌو اچي ٽيشن تي پهچايائين!

ٽڪيس جي دريءَ وٽ بيهي مون ٽڪيس لاءِ پنهنجي ڪوٽ جي کيشي مان پيسا ٿي ڪڍڻ گهريا ته ياٺني منهنجو اهو هٿ جهلي ورتو ۽ ڪاوڙجي چيائين، ”چاچا — هي پيسا وري ڪنهن ٻئي جا آهن چا؟“ مون چيو، ”مجن منا — قلبان وڃان ائين ته

کھين ٿو.“ هو نہ مڙيو ۽ ٽڪيس پنهنجن پيسن سان
وٺي مونکي ڏنائين ۽ چيائين، ”چاچا بدينن جي ٽڪيس
کانہ ملي تنهنڪري حيدرآباد جي ڪٽي ورتي اٿم.“
مان بستري جي غم ۾ بڌل هوس — بستري جي صورت
منهنجين اکين جي اڳيان هر هر پئي ٿي ڦري! —
گاڏيءَ جي اچڻ ۾ اجان هڪ ڪلاڪ پيو هو. مون
مجن جي ٻنهي ڪلهن تي هٿ رکي سندس اکين ۾
پيار سان نهاريندي کيس چيم، ”مجن مير — چاچا کي
اهو بسترو ڪونہ آئي ڏيندين تہ جيئڻ گاڏيءَ ۾ ڪا
گهڙي فرحت ڪريان؟ — ٻئي گهمري ابندس تہ پاڻ
سان ڪنيون ايندس.“ جواب ڏنائين چاچا کي لک
بسترن جا — پر چاچا گاڏي ڪلاڪ ٻن ۾ وڃي
حيدرآباد پهچندي ۽ جي بسترو هوندوءَ تہ تون ٺوڪي
ڪندين ننڊ ۽ وڃي ڪراچيءَ ڪون نڪرندين!“ منهنجو
اهو داءُ بہ خالي ويو.

گاڏي آئي پائتي ڪان، پاڪر پائي موڪلايم.
گاڏي حيدرآباد پهتي. ٽڪيس بابوءَ کي ڏيئي ٻاهر
نڪتس. خيال ڪيم تہ اجايو جو بصر مل جي ماڙيءَ
تي ٽڪان تنهن ڪان چو نہ رات جو پهر ڏيڍ اتيئي
ريلوائيءَ جي مسافر خانہ ۾ ڪاٽيان. ڪوٽ ڪنڌ جي
هيٺان رکڻ لاءِ لاٿم. متان ڪو شاهينگ ڪوٽ جي
کيشي مان ڏوڪڙ ڪڍي وڃي سو خيال ڪيم تہ
سو وارا ٽيئي نوٽ ڪوٽ جي کيشي مان ڪڍي اڳٺ

سان ٻڌي ڇڏيان . ڪوٽ جي ڪيشي ۾ هٿ وڌم ته ڪاريءَ وارا ڪک لڌم ! — پاڻئيو پڇي ويو ها !! اکين ۾ لڙڪ تري آيم !!! ڪيشي ۾ اها پائي ڪانه هئي جو پن جي ٻيڙي وٺان !!! — ننڊ حرام ٿي ويم — هئي ڙي پائنيا مڄن تنهنجيون ڪذمتون ! — پر همت نه هاريم .

ٻئي ڏينهن بدبن ڪيٽن پهتس سو هڪ راز آهي جو ڪنهن ٻيءَ گهڙيءَ ظاهر ڪندس !

# انتساب



جناب عبدالڪريم بلوچ جيَ نالي

# مينا شوري سان ملاقات

مينا جي فون نمبر ٦١٥١٧ تي سانس ملاقات جو ٽائيم مقرر ڪري مان نيڪ وقت تي سندس بنگلي تي وڃي پهتس. مينا مين گيٽ تي منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. مان ڪيس ڪيڪر ڪري اندر گهڙڻ لڳس ته هن مونکي ڪنڌ ڪان جهلي ٻاهر ڏڪيندي چيو، ”بدمعاش ڪير آهين تون ۽ ڇو ائين اندر گهرندو ٿو وڃين؟ — چور آهين يا ڪو ڌاڙيل آهين يا ڪنهن جو خون ڪري آيو آهين ۽ منهنجي بنگلي ۾ لڪڻ ٿو چاهين؟ — يا ڪو آنائي گيرو آهين، يا نشئي — چرسي — آفيمي وغيره، يا ....“ مون سندس وات تي پنهنجو هٿ رکندي چيو، ”ميڊم، جهل پاڻ کي! ناحق ڪنهن شريف جي عزت پٽي ٿي وڃين! مان انهن مان اصل نه آهيان جيڪي نالا تون پٽي تي وڃين!! افسوس صد افسوس!!! پاڻ ئي مونکي ڇئين بجي جو ٽائيم ڏيئي، اهڙيءَ طرح پيش پئي ٿي اچين؟“ مينا هڪ وڏو ٽهڪ ڏئي ۽ چيائين، ”توکي ٽائيم ڏنم! مون ته هڪ ڪروڙ پتيءَ کي ٽائيم ڏنو هو.“ مون نوابشاهه جي خواجه معشوق علي عرف ماشي ڪان اڌاري ورتل گرم ٽوپي مٿي تان لاهيندي ۽ فخر سان ڪيس سلام

جي ايبريس ڏيندي چيو، ”اوهين سڌيءَ طرح اتان گهرائي سگهو ٿا. مون وٽ فالتو گوريون موجود نه آهن“. مينا چيو، ”مهرباني، هاڻي اوهين وڃي سگهو ٿا“. مون وراڻيو، ”مونکي هرو پرو اهري تڪڙ ڪانهي مان اندر هلي توهان سان چند منٽ خلاصي ملاقات ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو بشرطيڪ توهين منهنجو وڌيڪ وقت نه وٺو“. ائين چئي مان وري اندر گهڙڻ لڳس ته هن بختاور وري مونکي ٻاهر گهليندي چيو، ”نوازش —— مونکي اوهان جو منٽ به نه کپي —— نه مان توهان کان وقت وٺڻ گهران ٿي ۽ نه ٿي مان پنهنجو وقت توهان کي ڏيڻ چاهيان ٿي —— مهرباني ڪري منهنجي جند ڇڏيو.“ ائين چئي هوءَ اندر وڃڻ لڳي. مون يڪدم سندس هٿ جهلي ورتو ۽ ڪيس نماڻائيءَ سان چيم، ”هڪڙي ڳالهه ته ٻڌ – منهن هيڏي ڪري! ميڊم مان ڪو رواجي ماڻهو نه آهيان —— پاڪستان کان هلي خاص توهان جي ديدار ڪرڻ ۽ توهان سان ٻه گهڙيون ملڻ لاءِ هتي پهتو آهيان. پرديس ۾ جي اهڙا حال ٿيا اٿم ته فڪر نه آهي. مان مڙس آخر امير آهيان!“

مينا کي ڪجهه قياس پيو ۽ مونکي وٺي اندر هلي ڪوچ تي ويهاريندي چوڻ لڳي، ”هاڻي چئو، جيڪي چوڻو هجيئي. اڌ ڪلاڪ مان تنهنجي ٻلي آهيان“. مون ٻيڙيءَ جو اڌڙڪن تان لاهي دڪايو ۽ پوءِ ”اسانجي

منزل" جو اهو پرچو جنهن ۾ مينا شوريءَ جا پندرنهن پوز پيوند ٿيل هئا، سو ڪڍي سندس جهوليءَ ۾ رکندي چيم، "ڪروز پٽي منهنجو تخلص آهي ۽ هن رسالي "اسانجي منزل دادو" جو نمائندو آهيان. اسانجو ۽ اسانجي رسالي جو مول مقصد فقط ۽ فقط اوهانجي پبلسٽي آهي ۽ بس!"

مينا جون اکيون ٽمڪڻ لڳيون ۽ پنهنجا هيترا سارا فوٽو ڏسي مون تي جنسي قلبان ٿيڻ لڳي ۽ چيائين، "صدقي وڃانءَ توهان پهرين اها ڳالهه ڇو نه ڪئي! خواه مخواه توهانکي پريشان ڪيم." مون وراڻيو، "مگر ڏهان اهڙو موقعو ئي ڪٿي ڏنو. خير فڪر نه آهي– هاڻي به هن ڳالهه جي تلافي ٿي سگهي ٿي". چيائين، "ڪهڙي ريت؟" مون جواب ڏنو، "ڪا سٺي ماني ڪاراءِ — بمبئي جي مونگ ڦليءَ جي تيل ٿيو اونڌو ڪري ڇڏيو آهي". مينا چيو، "فڪر نه ڪر مان لائلپور پنجاب جي وينل آهيان ۽ سدائين خالص گهه واپرائيندي آهيان. اهڙي ٿي روٽي ڪارايانءِ جو وڃي ٿيا خير!" ائين چئي گهنٽي وڄايائين جنهن تي رتن ٻائي عرف امام باندي جا ڪنهن وقت نمبر ون جي فلم ايڪٽريس هئي سا اچي حاضر ٿي. مينا ڪيس ماني تيار ڪري کڻي اچڻ جو حڪم ڏنو.

مون ڊرائنگ روم جي اندر چٽني طرفن ڏي نهاري ڪمري جو جائزو ورتو. ڪمري جي هڪ پٽ تي ست

وڏا فريم ٽنگيل هئا. جن مان ٽن ۾ فوٽو پيل هئا ۽ باقي چار خالي هئا. مون فريمن ڏانهن اشارو ڪندي ڪانئس پڇيو، "هيءَ ڪهڙو طلسم؟" جواب ڏنائين، "بلڪل سولي ڳالهه آهي. ٽيئي فوٽو ساڄي طرف کان نمبروار ظهور راڄه منهنجو مڙس نمبر پهريون، ڪيمره مين رضا مير منهنجو خاوند نمبر ٻـو ۽ روپ. ڪي. شوري منهنجو موجوده شوهر آهي. باقي چئن خالي فريمن جو مطلب آهي ته مان اهو نمبر ستن تائين پهچائڻ جي خواهشمند آهيان بشرطيڪ زندگي وفا ڪئي!" ان بعد مرڪندي چيائين، "مسٽر ڪروڙ پتي انهيءَ ڪي چوندا آهن ست خير!!" مون وراڻيو بيشڪ ڏٺي توهان کي پنهنجن نيڪ ارادن ۾ ڪامياب ڪندو، مگر اهي ته ٿيا ۽ ٿيندا توهان جا قانوني شوهر، چا مان پڇي سگهان ٿو ته غير قانوني عملدارن جو نمبر ڪٿي پهاريو اٿو؟" مينا هڪ شهنشاهي ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، "تري وڃو اهو سوال نه پڇو. ڪروڙ پتي صاحب مان ڪافي آزاد خيال آهيان".

"سو ته روز روشن وانگر ظاهر آهي،" مون چيو، "مگر اوهان جو تعلق ڪهڙي خاندان سان آهي؟"
هن جواب ڏيڻ جي بدران سامهون رکيل ٽپائيءَ تي ٻه چار هٿ سان ڏک هنيا جڻ ته ڏڪڙ وڄايائين. مان سمجهي ويس ۽ کيس چيم، "مان سمجهي ويس."

رتن ٻائي روٽي ڪٽي آئي. مک لڳل گرم گرم

ڦلڪا ۽ ٽريل واڱڻ اسان ٻنهي گڏجي ماني ڪاڌي. منهنجي چوڻ تي مينا مختصر نموني پنهنجي سر گذشت بہ بيان ڪندي رهي. چيائين ”مان پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ لاهور مان هتي آيس ۽ هڪ باقر علي جي ذريعي مونکي منروا مووِيٽون ۾ ڪم مليو. سهراب موديءَ جي فلم ”سڪندر اعظم“ منهنجي پهرين فلم هئي. منهنجي موجوده آزاد زندگيءَ لاءِ جوابدار دليپ ڪمار جو ڀاءُ الناصر آهي جنهن منهنجي شاديءَ جي دعوت کي ٺڪرائي ڇڏيو هو. مون سان شادي ڪرڻ بعد ظهور راجہ راڌا رانيءَ سان ناجائز تعلقات نہ رکي ها تہ اڄ شايد هنن ستن فريمن جي بدران اوهين فقط هڪ ئي فريم ٽنگيل ڏسو ها.“ مينا هڪ شوڪارو ڀري وڌيڪ چيو، ”مسٽر ڪروڙ پتي عورت جي برائين لاءِ فقط سندن مرد ئي جوابدار آهن“.

مان ويچار ڪرڻ لڳس تہ ڇا مينا سچ ٿي چوي – وقت ڪافي گذري چڪو هو تنهنڪري مان ڪانئس موڪلائڻ لاءِ اٿيس مگر هن نہ ڇڏيو ۽ مونکي ڇڪيندي پنهنجي بنگلي جي پارڪ ۾ وٺي ويئي. اتي هڪ ستن اٺن سالن جو ڇوڪر ربڙ جي پائيپ سان گلن جي ٻوٽن کي پاڻي ڏيئي رهيو هو. مينا چيو، ”هيءُ ايڪٽريس موتيءَ جو پٽ ٽنگو آهي ۽ مون کيس گود ورتو آهي.“ مون ڇوڪري کي هڪ پائلي ڏيندي سندس عمر درازي جي دعا ڪئي.

ايتري ۾ مينا شوريءَ جو هڪ نوڪر ڊوڙندو آيو ۽ چيائينس تہ شوري صاحب سائس فون تي ڳالهائڻ گهري ٿو. مينا واپس بنگلي ۾ هلي ويئي ۽ مان جتيون لاهي سائي چهر تي پسار ڪرڻ لڳس. چوڪر ڪو اول نمبر جو شيطان هو، سو ربڙ جي نلڪي هيڏي هوڏي ڦيرائيندي منهنجن ڪپڙن تي پاڻي اڇلائڻ لڳو.... مون دانهن ڪئي ۽.... ۽ منهنجي اک کلي پيئي! مون سان گڏ چنل ڪٽ تي ستل منهنجي ننڍي پٽ جي پيشاب سان منهنجا ڪپڙا آلا تي چڪا هئا!!

ٻہ شوقين

# انتساب



جناب سيد غلام مصطفيٰ شاه جي نالي۔

# ٻہ شوقين

عيد جون موڪلون ٿنديو آدم ۾ گذاري فجر واري پئسنجر ٽرين ۾ نوابشاه وڃي رهيو هوس. هميشہ وانگر ريلوي پوليس جي گاڏي ۾ سوار ٿيس. پرين ٻن سيٽن تي ٻہ ماڻهو ستل هئا ۽ مٿين هڪ سيٽ تي هڪ ماڻهو فجر جي نماز پڙهي رهيو هو، اورين ٻن سيٽن مان اندرين سيٽ تي اڳويهن ويهن ورهين جا ٻہ نوجوان ويٺا هئا. مان سندن سامهون واري خالي سيٽ تي ويهي رهيس. ٻئي نوجوان سانگهڙ جي پوليس ٽريننگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جو ڪورس ڪري رهيا هئا. هڪ جو نالو يوسف ۽ ٻئي جو نالو امين هو. امين قد جو ڊگهو ۽ سنهڙو هو. ڪيس ڪاربرا جي نيري رنگ جي پتلون ۽ ريشمي منيلا شرٽ پيل هئي. شرٽ تي وڏا وڏا گل چاپيل هئا. اکين تي هڪ نازڪ چشمو چڙهيل هوس. يوسف قد ۾ ڪجهہ لانيرڙو ۽ بت ۾ پريل هو. ڪيس خاڪي رنگ ۽ سٿنبو ڪٽ گنجي پيل هئي. گاڏي هلي تہ گشتي پوليس وارو ماڪو مڪراني بہ اچي ان گاڏي ۾ چڙهيو ۽ منهنجي ٻنهي نوجوانن سان واقفيت ڪرايائين. ٻئي حيدرآباد جا وينل هئا ۽ اڪثر گاڏين ۾ ايندا ويندا هئا تنهن ڪري ماڪو سائن بلڪل گهرو ٿي ڏنو.

يوسف پنهنجي ٻئگ کولي ان مان مرکو لائيزڊ وئکس جي ڊٻي کڍي پنهنجي منهن کي پالش ڪرڻ لڳو. ماکو سندس اگهاڙي سٿر تي هٿ گهمائيندي چيو، ”ٻيلي تون ته خود مکڻ لڳو پيو آهين، توکي ڪريم جي ڪهڙي ضرورت؟“ يوسف ڪريم مان هڪ آڱر ڀري سندس ڳٽي تي لڳائيندي چيو، ”اڇي ڳڏه، تون به تي هاڻي گهوڙو!“ امين پنهنجي عينڪ لاهي انجا شيشا رومال سان صاف ڪندي چيو، ”تائليٽ جهڙي ضروري سامان تي ٽئڪس پيٽون تيٽون ڪرڻ جي ڪري هنن شين جي قيمت تمام گهڻون وڌي ويئي آهي.“ يوسف چيو، ”رائيٽ، هيءَ ڊٻي اڳي ڏيڍ روپئي ۾ ملندي هئي ۽ هاڻي سندس قيمت آهي سوا پنج روپيه! — پر ته به شڪر آهي ملي ته ٿي. ڪجهه وقت اڳي ته بلڪل آئوٽ آف اسٽاڪ هئي. مان هميشه اهڙيون پنج ست ڊٻيون، انهيءَ ڊپ کان، پاڻ وٽ رزرو ۾ رکندو آهيان“. امين مشڪيو ۽ مٿئين تختي تان پنهنجي ٻئگ لاهي کوليائين ۽ ان مان فلپس ڪريم جي ڊٻي کڍي يوسف ڏانهن وڌائيندي چيائين، ”هيءَ ڪڏهين واپرائي اٿي؟ بهترين شي آهي. فلپس اسانجي فئملي ڪريم آهي“. يوسف بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو، ”منهنجي يوز ڪيل آهي پر مونکي اصل ڪانه ٿي وڻي. اسانجي فئملي مان فقط منهنجي ننڍي سسٽر اها ڪريم استعمال ڪندي آهي.“ امين ڦڪو ٿيو ۽

متان سموري نہ کپائي ڇڏين“. ماکو سينٽ پنهنجين
مڇن ۾ ٻريس تي لڳائيندي چيو، ”هي ڇا ڏنو اٿيئي.
ٻيلي کو عثمان ڀائي جو بهار والا ٿري مکس عطر
ٻطر ڏين ها“. يوسف سندس منهن تي ٻجو هڻندي
چيو، ”چٽ، توکي کهڙي خبر سينٽ جي“. هٿ
لڳڻ سان سينٽ جي شيشي ڏيٺ ڪري پيئي ۾ سمورو
سينٽ زيان ٿي ويو. امين کي ارمان ٿيو ۽ ماکوءَ
جي مڇ کي لوڏو ڏيندي چيائين، ”بيوقوف، تو ستياناس
ڪري ڇڏي!“ ماکوءَ يوسف جو ڳٽو پٽيندي چيو،
”هن سهڻي کي نٿو چئين جنهن حرڪت ۾ مداخلت
ڪئي؟“ يوسف ماکوءَ جو هٿ پنهنجي هٿ سان
پري ڪندي بناوٽي غصي ۾ چيو، ”لوفر، ڳٽي کي
هٿ نہ لڳاءِ تہ ٻل نہ ڪيدانءِ“. ماکوءَ پنهنجي دل
تي هٿ رکندي جواب ڏنو، ”پاڻ ٻيلي ٻڌل آهيون“.

امين شوڪارو ڀري چيو، ”افسوس سانگهڙ ۾ اهڙي
سينٽ ملندي ڪانہ ۽ مان جيڪڏهين روزانو ان سينٽ
جو استعمال نہ ڪندو آهيان تہ مونکي زڪام ٿي پوندو
آهي. يوسف چيس، ”مون وٽ ڇپري جي هڪ شيشي
اسپيئر ۾ پيل آهي، جيڪڏهين چئين تہ آها ڏيانءِ؟“
امين قدري نفرت سان جواب ڏنو، ”کهڙي؟ —
ڪوتي جي ڇپري! — هون — اها سينٽ مونکي ڪانہ
کپي“. يوسف شرمندو ٿيو ۽ ڦڪائيءَ کي لڪائڻ جي
خيال کان چيائين، ”امين چڱو جو يادگيري آئي.

هڪ نئين چيز تو ڏيکاريانءِ“ ائين چئي بئگ مان هڪ شيشي ڪڍيائين جنهن تي اکر MUM چپيل هو. امين چاه سان اها شيشي پنهنجي هٿ ۾ ونندي چيو، ”ڪريم آهي ڇا؟“ يوسف مشڪيو ۽ فخر سان جواب ڏنائين. ”نه، بغل ڪوڙن ڪانپوءِ هيءَ اپلاءِ ڪبي آهي جيئن پگهرجي بدبو نه اچي!“

يوسف جڏهين اها شيشي پنهنجي بئگ ۾ ٿي رکي، ان وقت مون ڏٺو ته سندس بئگ ۾ ”Veet“ جا ٻه ٽيوب به رکيا هئا جيڪي عورتون استعمال ڪنديون آهن. يوسف امين کي نئين چيز ڏيکاري هئي سو هن کي ڪٿي ٿي آرام ايو. ڪوليائين پنهنجي بئگ ۽ ان مان هڪ تيل جي بوتل ڪڍي يوسف کي چيائين، ”هي ڏس، آلما هيئر آئل آهي. بلڪل نئين چيز!“ يوسف بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو، ”ڏٺل آهي. منهنجي سسٽر وٽ آلما جي وڏي شيشي رکيل آهي مگر هوءَ استعمال لئي ڪري. چوي ٿي ته گريزي آهي.“ هن پيري امين لڄي ٿيو ۽ لڄ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي ماڪوءَ کان پڇيائين، ”مڪراني، تون ڪهڙو تيل استعمال ڪندو آهين؟“ ماڪوءَ پنهنجو مٺو کنهندي جواب ڏنو، مان بيلي، زلف بنگال لڳائيندو آهيان!“ مان ماڪوءَ جي پرسان وينو هوس ۽ مونکي سندس مٿي مان ڪڙي تيل جي ڌپ اچي رهي هئي. يوسف پوءِ مون ڏانهن مخاطب ٿيو ۽ پڇيائين، ”ڪروز پتي،

چيو، ”پلا اوٿو ڏي روزز؟“ مون جواب ڏنو، ”نه — نالو به چڱو اٿس. دل تي اچي ٿوري لهي ٿو وڃي“. امين چيو، ”ياد ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪريو“. يوسف چيو، ”مان اهو تيل پنهنجي سسٽر کي وٺي ڏيندس. هو ڏاڍو خوش ٿيندي“

گاڏي شهدادپور اسٽيشن تي اچي بيٺي جتان يوسف ۽ امين کي بس ۾ سانگهڙ وڃڻو هو. ٻنهي هڪدم پنهنجين بئگن مان هڪ هڪ لفافو ڪڍيو جن تي پنهنجي پنهنجي ائڊريس لکي مونکي ڏنائون ۽ چيائون، ”مسٽر ڪروز پٽي، مهرباني ڪري انهيءَ تيل جو نالو اسانکي ضرور لکي موڪلجو“. مون کين دلداري ڏيندي چيو، ”اوهين خاطري ڪريو.“ ان بعد يوسف تيلين جو نهيل ٽوپلو پنهنجي مٿي تي رکيو ۽ ٻئي پنهنجيون بئگون کڻي هيٺ لٿا. گاڏي وسل هنئي ته امين پلئٽفارم تي بيهي ڏاڍيان چيو، ”ڏسجو، وسارجو نه“.

گاڏي هلي ته مان هيٺين سيٽ تي ليٽي پيس ۽ الائجي ڪهڙن خيالن ۾ ٻڏي ويس!

# منهنجو خط - تاريخ ٢٠-٩-١٩٦١

(تاريخ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٦١ تي رسالي "نئين زندگي" جي ان وقت جي ايڊيٽر محترم عبدالواحد سنڌيءَ کي لکيل جو شايد "نئين زندگيءَ" جي ڪنهن پرچي ۾ شايع به ٿيو هو)

محترم سنڌي صاحب.

ارشاد موجب فوٽو حاضر آهي. باقي سوانح عمري — ان لاءِ ڇا ٻڌايان! منهنجي سوانح عمريءَ ۾ ڪنهن لاءِ ڪهڙي دلچسپي ٿي رٿي سگهي! — بهرحال ٢٤ ڊسمبر ١٩٢٣ جنم جوڏن ۾ شهر آدم خان مريءَ جو ٽنڊو يعني ٽنڊو آدم. ١٩٤٣ ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪيم ۽ ١٩٤٥ ڌاري روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري. ١٩٥٢ مارچ ۾ خوراڪ کاتي ۾ آيس ۽ هن وقت شيرل فقير واري باده ۾ اسسٽنٽ فوڊ ڪنٽرولر آهيان. ٻچڙا جن ۾ هڪ زال ۽ ڇهه ٻار شامل اٿم سي نوابشاه ۾ رهندا آهن. اوهانکي ضرور خبر هوندي ته زال هميشه ٻارن ٻچن جي ڊيفينيشن ۾ ايندي آهي!

باده ۾ نوابشاه اوت موت ٢٨ ڪلاڪن جو ريل رستي پنڌ آهي تنهنڪري نوابشاه وڃڻ دشوار ۽ دبر

سان ٿئي ٿو. ڪي ڀار تہ سمجهي چڪا آهن تہ ٻابو راهي ملڪ عدم ٿي چڪو آهي ۽ جيڪي البت نا سمجهہ آهن سي سمجهن ٿا تہ ٻابو اسان وٽ اجهو آيو ڪي آيو!

جناب سنڌي صاحب اها آهي منهنجي سوانح عمري! ها — جيڪڏهين اڳتي هلي اتفاق سان سون ڪان سنڌي ادب جي نيم چڱيرڙي خدمت ٿي ويئي تہ پوءِ شايد ٻن ٽن صدين بعد ڪو نيم حڪيم وانگر نيم قدردان ڪنهن غير قانوني طرح سيٽلمينٽ ڊپارٽمينٽ کان الاٽ ڪرايل عاليشان ۽ بلند مڪان ۾ ويهي مون تي هن طرح مفت ۾ مهرباني ڪري:-

ڪروڙ پتي چوڏهين صديءَ هجري جو هڪ انڌو اديب! — جيڪي سمجهہ ۾ ايندو هوس سو پنهنجي بي سمجهائيءَ جي ڪري رهڙي زڪندو هو. ڪيس نہ گرامر جو خيال هو ۽ نہ ادب جي اصولن جي ڄاڻ! ڏنبو آدم جو وينل هو ۽ محمد حسين نالو هوس. ڦڪڙ هو تنهنڪري پنهنجي سجائيءَ ٿي "ڪروڙ پتيءَ" جو پوش چاڙهي ڇڏيو هئائين نيڪ ان طرح جيئن ڪي ٽوپ ڪاريون ڪوجهيون فلم ائڪٽريسون منهن تي پائوڊر جو پوش چاڙهي نسيم بانو، نرگس ۽ نوتن وانگر ٿي ويندڙيون آهن! — ڏوٻيءَ ڪي سنڌس پتلون جي کيسن مان اڪثر پگڙا ۽ گانئيا ليندا هئا جهڙيءَ طرح موهن جي دڙي مان ڪوزن ۽ مٽڪن جون

ڪريون !!

ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه سال بيروزگار رهيو ۽ اهوئي گولڊن پيريڊ هو جنهن عرصي ۾ هو پنهنجي قلم جي رفتار تيز ڪري افسانہ نويسن جي قطار ۾ اِئين ۽ اهڙيءَ طرح وڃي بيٺو هو جيئن ريگل سئنيما جي ٿرڊ ڪلاس ٽڪيٽ لاءِ ٽڪيٽ دريءَ تي آخر ۾ آيل مامد مڪراني دٻڙ دسڙ ڪري ڏگهي قطار ۾ بيٺل سيني ماڻهن جي اڳيان وڃي بيهي ٽڪيٽ وٺندو آهي ! — انهيءَ عرصي ۾ سنڌ س افسانہ نويس بنجڻ جو اهو ٻہ هڪ سبب هو جو ڪيس ماني ڏو تي ملندي هئي ۽ .... ۽ ڪيس ٻي ڪا تڪليف نہ هئي .

عام طرح هر سنڌي اديب جي عمر جو آخري حصو تڪليف ۽ تنگدستيءَ ۾ گذرندو آهي ڇاڪاڻ تہ هو جوانيءَ جي عرصي ۾ پنهنجيءَ سيٽ ۾ نہ پورو هوندو آهي ۽ ڪنهن پبلشر کي پنهنجي ڪيسي مان پيسا ڏيئي پنهنجا ڪتاب شايع ڪرائيندو آهي . مگر ڪروڙ پتيءَ جو هال ٻين گهڻن جي ابتڙ ٿيو ! سندس زندگيءَ جو اوائلي حصو ڪي قدر تڪليف ۾ گذريو پر پڇاڙيءَ وارا پندرنهن ويهہ سال نت نانگر سان گذاريائين ڇاڪاڻ تہ ان وقت تائين هو انهيءَ زرين اصول تي سختي سان عمل پيرا ٿي چڪو هو جنهن موجب دوست دشمن کان وڏا وڏا قرض کڻي بعد ۾ کين ”ڏہ دنيا ستر آخرت“ جا مثال ڏيئي پنهنجي رقم

جي وصولي سندن ئي بهتريءَ لاءِ آخرت ۾ ڪرڻ لاءِ مفت مشوره ڏيندو هو. انهيءَ حساب سان هن لاتعداد رشوتي ۽ بليڪ ڪندڙ ماڻهن جي عاقبت موچاري ڪري ڇڏي هئي.

شاعر حضرات سان سڄي عمر نہ پيس. جيڪڏهين ڪتي ڪنهن شاعر ڪي مجبوراً ٻڌڻو پوندو هوس تہ هو انجا شعر اهڙيءَ ريت گوش گذار ڪندو هو جيئن ڪو نازڪ طبيعت يار منهن بڇڙو ڪري ڳيت ڏيئي ڪوئنين جي ڪڙي گوري نڙيءَ کان هيٺ ڪندو آهي. سرڳواسي ڀائي مينگهراج جاشبد "گريبي گلزار - موچاري مينگهو چوي" البت هر وقت سندس زبان تي هوندا هئا ۽ اڪثر چوندو هو تہ "ڀائي مينگهراج جيڪڏهين جيئرو هجي ها تہ مان انهيءَ سرور جي عيوض جيڪو مونکي سندس انهن شبدن مان حاصل ٿئي ٿو، جيڪر مان پنهنجن هٿن سان، روزانو، ڪيس سندس الفي ڌوئي ڏيان ها!

ڪروڙ پتي چوڏهين صدي هجريءَ ۾ ڄائو ۽ اتفاق سان هو انهيءَ صدي ۾ ئي وفات ڪري ويو! نوابشاه جي ڏکڻ طرف واري وڏي قبرستان ۾ دفنايو ويو هو. سندس ڪچي قبر شڪستہ حالت ۾ اڄ بہ موجود آهي، مگر ــــ مگر سندس خاندان جو هڪ فرد جيڪو مقامي سئنيما ۾ گيٽ ڪيپر آهي، تنهنجو چوڻ آهي تہ ڪروڙ پتي پنهنجي پرائي، اصلوڪي، ڪچي قبر مان

نڪري ٻاسي واري هڪ پڪي سنگمرمر جي قبر ۾، وڏائون ورلڊ پرميشن جي، منتقل ٿي چڪو آهي ۽ ان سنگمرمر واري قبر جي سرڳواسيءَ کي، ڪو گشو ڏيئي، پنهنجي ڪچيءَ قبر ۾ آڻي ليٽايو اٿس چاڪاڻ ته هيٺ چاڏايل آواز اڀي سندس اصلوڪي ڪچي قبر مان پڌرو هو مگر هاڻي اهو سا ڳيو آواز ان پڪي سنگمرمر واريءَ قبر مان ٿو اچي :-

”گريبي گلزار ــــ موچاري مينگهو چوي“.

محمد حسين اعوان
”ڪروڙ پتي“

٢٠-٩-١٩٦١

# انتساب



جناب ڪرم بخش خالد جي نالي.

# اُلو ۽ اڄ جو عاشق

## ( ادب ڦهيڙ )

(مرحوم آغا عبدالنبي صاحب
جي لکيل ”بلبل“ کان متاثر ٿي)

اي عاشق، نامراد اُلو ! صد آفرين آ تو کي. جهڙيءَ طرح تو راز عشق کي لڪايو، ماڻهو ٻچي کي طاقت نہ آهي جو ائين ڪري سگهي !!

اي الو تون اُلو ئي سهي مگر پکين ۾ تنهنجو رتبو سڀني کان بلند آهي — پرندن جي دنيا ۾ تون اهڙو ئي ممتاز دمساز آهين جهڙيءَ طرح فلمي دنيا ۾ سيٺ چندو لال شاه !

چوڏهين صديءَ جو عاشق — بدنام عاشق — تحقيق بدنام آهي — هو پنهنجي عشق جا افسانا هر خاص و عام ۽ گري گنجي جي اڳيان دهرائي ٿو. پاڻ بدنام ٿئي ٿو پنهنجي معشوق کي بدنام ڪري ٿو ۽ — ۽ جيڪڏهين وقتي — سندس محبوب جي ڪنهن سرپرست جو پراٿو — چٻل — ۽ وزنائتو پادر — سندس مٿي تي دست شفقت ڦيرائي ٿو تہ — اهو عاشق — چوڏهين صديءَ جو عاشق اهڙي عشق تان — فوراً — بنان

ڪنهن وقت وڃائڻ جي - قلم ٤٧ لينڊ روينيو ڪوڊ هيٺ بيزاري ڏيئي - ڀڪي طرح سان دست بردار ٿئي ٿو !

اڄ جو عاشق - يتيم ۽ بدنام عاشق - معشوق جي فراق ۾ آه زاري ڪرڻ جي بدران - پنهنجي ساڃي ڪن تي ڏائو هٿ رکي - ماستر چندر جون ڪافيون چوي ٿو ۽ - ۽ جهنگ منهن ڪرڻ جي بدران نشاط ٿاڪيز جو رخ ڪري ٿو !

اڄ جو عاشق - ناتجربيڪار عاشق - ڪنهن جي سفارش تي پرتي ٿيل عاشق - معشوق جي وڇوڙي ۾ - مٿي ۾ ڏوڙ ۽ ڇاهيءَ جا ٻُڪ وجهڻ جي بجاءِ - وارن تي برل ڪريم لڳائي - ڦڻيءَ سان وارن کي خوب ڇمائي - زلفن - ها پنهنجين زلفن جو هڪ مُڇو - دليپ ڪمار وانگر - پيشانيءَ تي ڪيرائي ٿو - اهڙيءَ طرح هو پاڻ پريشان نظر ڪونه ٿو اچي مگر - مگر سندس زلف ضرور پريشان ڏسجن ٿا !

اهڙي عاشق کي - اي آلو ! - عاشق چئجي يا - يا معشوق سڏجي - يا - ۽ يا وري شارٽ فارم ۾ رکو ماشو ؟

مگر اي آلو ! عاشق نامراد آلو !! سدائين ناشاد آلو !! صد آفرين آ توکي — شاباس آ تنهنجن ويجهن مائٽن کي حن توکي — ڄڻيو — ۽ — نپايو !

تون به عاشق آهين — مگر تو راز عشق کي اهڙيءَ طرح لڪايو جو — جو تنهنجي عشق جي ع جي به ڪنهن کي پيٽ نه پيئي ! - ڇا؟ تون ڪنهن جو به عاشق نه آهين؟ — ازي بس ڪر بس - سچاڻانءُ ٿو ! - تنهنجو سنسان ۽ ويران هنڌن تي رهڻ - تنهنجي شب بيداري ۽ ڏينهن جو خاموش آه و زاري - اهي ڳالهيون صاف ڏيکارين ٿيون - گويا - گويا ڪنهن ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ وٽ تنهنجي قلم ١٦٤ هيٺ زباني آهي — ته تون - ڪنهن جي تير نظر جو گهايل آهين - ڪنهن وداڻوت ٽڪيٽ مسافر سان قرب جي ڪڙي ۾ — قابو آهين - توکي - پڪ ئي پڪ - ڪنهن جي جهوري لڳل آهي. مگر ڪنهن جي؟ - هي الت چاڻ نه اٿم - ۽ نه ئي توکان پڇڻ چاهيان ٿو — راز عشق فاش ڪرڻ لاءِ ڇو ڪنهن کي مجبور ڪجي ا — گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ته اها عادت نه آهي - ڇو جي لاءِ جو متان - متان - ڪنهن وقت مون کان به ڪو سچي نه ڪرائي وٺي !!

اي الو ! - تون سراپا راز آهين - ڪٿي پڙهيو اٿم - شايد ”الو تنتر“ ۾ - ته - تنهنجي دل ڪنهن سنگدل انسان جي دل تي رکڻ سان - هو - خواب غفلت ۾ - پنهنجا سمورا راز کولي ٿو وجهي - ته - ڪالهه - مون ڪنهن جي گنديڪ ڪپي ! — مگر خود تنهنجي دل جو راز — اڃان تائين راز ۾ آهي - ڪنهن جوتشيءَ کي به ان راز

مون جهڙا ـ اڃان دنيا ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ موجود آهن ! ـ جيڪڏهين بلبل ملڪئه ترنم نورجهان آهي آهي ۽ ـ ۽ ڪوئل لتا منگيشڪر ـ ته ـ اي آلو تنهنجو درجو به ـ پنڊت اونڪار ناٿ يا وچولي غلام علي خان کان ڪنهن به صورت ۾ ـ گهٽ نه آهي •

سڪن پنيان ڏک آهن ۽ ـ ۽ ڏکن پنيان لستون ئي لستون ! ـ اهو وقت تمام ويجهو آهي جڏهين ـ جڏهين شاعر صورتخطي ۾ ـ پنهنجيون چڪون تسليم ڪري ـ پنهنجي منڍي خم ڪرڻ جي بدران ـ پنجين روپئين واري اسٽامپ پيپر تي ـ توکان ـ لکيت ۾ معافي وٺندا ۽ ـ ۽ گل و بلبل ـ چنڊ چڪور ـ ۽ ڪوئل کي سندس پيا ـ پيءُ نه ! ـ سميت ساڏيون ٽي طلاقون ڏيئي ـ فقط ـ ۽ فقط ـ تنهنجي تعريف ڪندا !

اي آلو ـ استاد !! ـ انتظار ڪر اهڙي وقت جو !!! اهڙي وقت ايندو ـــ ۽ ضرور ايندو ـــ مگر ڪٿي ؟ ـ شايد حيدرآباد جي نيو مئجسٽڪ سئنيما جي سونهري پردي تي !!!!

# انتساب



جناب ڊاڪٽر درمحمد خان پٺاڻ جي نالي۔

# بيگم پاره سان ملاقات

جن فلم ايڪٽريسن جا فلمي ڪردار مونکي تمام گهڻون وڻن ٿا انهن مان بيگم پاره به هڪ آهي. بيگم پاره هن وقت شيخ مختار جي سرپرستيءَ ۾ آهي جيڪو قد ۾ مون کان به سوا ٽي انچ ڊگهو آهي يعني ڇهه فوٽ سوا ٽي انچ. مونکي هران شخص لاءِ عزت ۽ همدردي آهي جيڪو قد جي اوچائيءَ ۾ مون کان سرس هجي پوءِ ڀلي ڪٿي بيوقوفيءَ ۾ مون کان زور نه هجي.

بيگم پاره کي مون پهرين پهرين "سهڻي ميهار" فلم ۾ ڏٺو هو. سندس ڪشاده چيسٽ، تنگ ترين چيلهه ۽ مکڙي دا "ڪالا ڪالا تل" ڏسي مون هڪدم کيس اوپن ووٽ ڏنو هو ۽ پنهنجن دوستن چيتن چوڪيدار، پربل پخالي، سانول سوچي، منگهن موچي ۽ بلاول بورچيءَ کي به کيس ووٽ ڏيڻ لاءِ عرض ڪندي چيو هوم، "انصافي انصاف ته ووٽ جي حقدار بيگم پاره آهي جنهن جي نشاني حقو نه مگر پل صراط آهي".

بيگم پاره سان هن ملاقات ۾ سندس جائز تعريف ڪندي کيس هينيون، چوري ڪيل بيت پڙهي ٻڌايو هوم :-

سنا ہے بال سے باریک ہے پل صراط
مجھکو دھوکا ہے کھیں تیری کمر نہ ہو!

بيگم پاره سان ملاقات ڪرڻ بعد مان پورا ٽي سال سوچيندو رهيس ته جيڪڏهين پل صراط سچ پچ بيگم پاره جي چيلهه وانگر سنهي هوندي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ شيخ مختار کي ته اهڙي پل پار ڪرڻ ۾ ڪا خاص تڪليف نه ٿيندي چاڪاڻ ته سائس گهڻون وقت گڏگذارڻ جي ڪري هو اهڙين چيلهين ۽ پلين جي سمورن پيچيده پيچرن مان واقف ٿي چڪو هوندو.

بيگم پاره جنهنجو اصلوڪو نالو زبيده حق آهي، وورلي سي فيس بمبئي نمبر ١٨ جي راحت ولا ۾ رهندي آهي. مان اتي صبح جو ڏهه لڳي ست منٽ ٿيا هئا ته وڃي پهتس. بيگم پاره گهر ۾ موجود نه هئي. خبر پيم ته دارا فلم جي شوٽنگ تي ويل آهي. سندس نوڪرياڻي جهوني فلم ايڪٽريس انوري مونکي ٻاهرين گيٽ تي ڪرسي وجهي ڏني ۽ مان چوڪيدار بنجي اتي ويهي رهيس. نيرن به پوري سوري ڪري آيو هوس چاڪاڻ ته مانيءَ جو آسرو هوم. چئين بجه ڌاري اچي سخت بک ورايو سو مان اتان اٿي پاسي ۾ هڪ ڪمچي واري وٽ چولا ڏيل ڪائي پائي جو گلاس پي وري اچي اها ڪرسي والاريم. شام ٿي ويئي. سج لهي ويو مگر بيگم پاره جو اچان ڪو پتو نه هو. اٿين ڌاري وري ڏکو ڪن چولن تي زيان ڪيم. آخر

بيگم پاره جواب ڏيڻ جي بجاءِ مونکي ٻي چمات وهائي
ڪڍي ۽ چيائين ”جلدي ٻڌاءِ ڪٿي هئين ايترا ڏينهن؟“
مون روئڻ هارڪو ٿي جواب ڏنو، ”ڪٿي وري ڪٿي
هوس. پاڪستان ۾ هوس ٻيو ڪٿي هوس. سڀاڻ
توسان ملاقات ڪرڻ آيو آهيان ۽ تون چڱي ڀلي ٿي
ملاقات ڪرين!“

بيگم پاره پنهنجي چيلهه تي ٻئي هٿ رکي هڪ
مردانه ٺهڪ ڏنو. سندس وار کليل هئا. اسپورٽنگ
شرٽ ۽ پتلون پيل هيس. ڪشاده چيسٽ، تنگ ترين
چيلهه ۽ مکڙي دا ڪالا ڪا تل! مونکي سندس اها
ڪٽ اهڙي ته وڻي ويئي جو سندس سڀ قصور معاف
ڪري ڇڏيم. بيگم پاره هڪ ٻيو ٺهڪ ڏنو ۽ مون
کي ٺيلها ڏيندي اندر وٺي هلي هڪ ڪوچ تي وهاريائين
۽ پاڻ به ٻئي ٽنگون مٿي رکي ساڳئي ڪوچ تي ٿي
ويٺي ۽ پنهنجيون ٻانهون کنجيندي چيائين، ”ياد رک،
ڪوڙ ڳالهائيندي ته اهڙي چمات هڻندي ساڻءِ جو
ڪنن مان دونهان نڪري ويندءِ!“ ائين چئي هوءَ وري
اچي کل ۾ ڇتڪي. مونکي سندس وات مان شراب
جي بوءِ نڪرندي محسوس ٿي ۽ مان قصي کي سمجهي
ويس. آخر بيگم پاره سنجيده ٿي چيو، ”ڏس رشيد،
مون تو لاءِ چا نه ڪيو. مون توکي هميشه ساڳي
ٽيبل تي پاڻ سان گڏ ماني کارائي جيتوڻيڪ تون منهنجو
ڊرائيور هئين! تنهنجو پگهار هڪ سو روپيه هو مگر

ڪنهن به مهيني ۾ پنجن سون کان گهٽ پيسا مون توکي نه ڏنا. ڪپڙا به جيڪي تو پسند ڪيا اهي وٺي ڏنا مانءِ. ايترين ڳالهين هوندي به تون مونکي ڇڏي هليو وڃين ۽ ڇنيءَ ۾ لکي وڃين ته مون وٽ رهڻ ۾ تنهنجي صحت ٺيڪ نٿي رهي. تون ئي ٻڌاءِ ائين ڪرڻ توکي واجب هو؟"

مان ڪهڙو جواب ڏيان ها. بيگم پاره نشي ۾ هئي ۽ مونکي پنهنجو ڊرائيور رشيد سمجهي رهي هئي جو شايد ڪبس ڇڏي ڀڄي ويو هو. مونکي هڪ تجويز خيال ۾ آئي ته ڇو نه پنهنجو پارٽ جو دورو ڪامياب بڻايان! — ڪيس جواب ڏنم "برابر مگر هڪ دفعي مون توکان ست سو روپيه گهريا هئا جي تو نه ڏنا. مونکي انجو اهڙو ته ڏک ٿيو جو لاچار مان توکي ڇڏي هليو ويس." بيگم پاره پنهنجي پتلون جي ڀنئين کيسي مان سو سو وارا ست نوٽ ڪڍي مونکي ڏيندي چيو "بس ڳالهه به ايتري. ڇگو هاڻي قسم کڻ ته مونکي ڇڏي ڪيڏانهن به ڪونه ويندين." مون رقم ور ۾ وجهي ويڙهي مضبوط ڪئي ۽ چيو، "خيال نه ڪر مان اهڙو نمڪ حرام اصل ڪونه ٿيندس". بيگم پاره خوش ٿي چيو، "شاباس رشيد، هاڻي مان توکي هڪ فلم ۾ پاڻ سان هيرو جو پارٽ به وٺي ڏيندس — واعدو آهي توسان."

ايتري ۾ سندس نوڪرياڻي انوري ڪمري ۾ داخل

ور مان ست سو روپيه ڪيڏي وهاڻي جي هيٺان رکي ڇڏيم ۽ ........ ۽ پوءِ مونکي ننڊ ڪجهي ويئي ـــ ڪنهن مهل به ڏڪا سجاڳي ٿيم ته ائين محسوس ڪيم جيئن منهنجي وهاڻي جي هيٺان رکيل نوٽ ڪو چڪي رهيو آهي. اچي ڏپ ورايم ته منهنجي محنت تي برباد ٿئي تنهنڪري هڪدم اونڌو ٿي وهاڻي جي ٻنهي ڇيڙن تي ٻانهون رکي ڇڏيم ـــ هڪ آواز منهنجن ڪنن تي آيو، ”آهي ته خبر؟ هڪڙو رپيو ته ڪٿان ٻاڇيءَ لاءِ ڪو تنهنجو خزانو ڪونه ٿي لٽيان جو ائين ڪٺي وهاڻي کي سڪ ڪيو اٿئي!“ اک کلي پيم. ڏٺم ته سيراندي کان اوهانجي ٻاچائي يعني منظور ماءُ بيٺي آهي!

ماسي ۽ مجيد

# انتساب



محترم پروفيسر اَئني ميري شمل جي نالي .

# مـاسي ۽ مجيد

## (ماسي ۽ مجيد جي ڪهاڻي ــ ڪجهہ ماسي ۽ ڪجهہ مجيد جي زباني)

مجيد ٿو چوي :-

تنهن ڏينهن نوابشاهہ ۾ پاڻٺي جي هتان پاڻ ڦرائي حيدرآباد اچي پهتس. پنهنجو ڏکهو ڪارو ڪوٽ ڪنڌ جي هيٺان رکي ريلوائي جي مسافر خاني ۾ ليٽي پيهہ پچائڻ لڳس تہ بدين کهڙيءَ ريت پهچان! سو وارن ٿن ساون نوٽن جو ڏاڍو سور هوم جيڪي پاڻي وڏي پاڙيائي ڪري منهنجي ڪوٽ جي کيشي مان ڪڍي ورتا هئا. سڄي رات پيهہ پچائيندي ۽ بيڙين جا چونديل ٽوٽا چڪيندي گذري. ساجهر صبح جو توڪل جو ڌرهو ٻڌي، ڪوٽ ڪلهي تي رکي حيدرآباد جي فردوس هوٽل وٽ الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ وڃي نڪتس. اڌ ڪلاڪ ڪـن هيڏانهن هوڏانهن ناسون هڻندو رهيس ۽ هڪ دڪاندارڪان ضروري خبر چار وٺي وڃي ويجهو ٿي ماسيءَ جو در کڙڪايم. اندران هڪ جهيڻو آواز آيو، ”ڪير؟“ ۽ مون ڪنگهڪار ڪري جواب ڏنو، ”ماسي مان مجيد آهيان“.

ماسي تي چوي .

خراب ڏينهن خدا کنهن تي نہ آڻي . ڏني جي پيءُ ، خدا بهشت نصيب ڪريس، سڄي عمر محنت ڪري حلال جي ڪمائيءَ مان پيسو ميڙي ٽي چار جايون جوڙايون ۽ هوڏانهن ڏني جي پيءُ اکيون پوٽيون ۽ هيڏانهن ڏني سڀ ڪجهہ وڪڻي هڪ پنان غريب شاهہ کي ڪارائي ڇڏيو. رکو هيءَ هڪ ننيڙي جائڙي وڃي بچي آهي . خراب ڪمن جو نتيجو سيائن خراب ڇيو آهي. ڏني کي ٽيون ڏينهن پوليس جوا جي ٽڪريءَ تان گلفتار ڪري ويئي. ٽنهن ڏينهن فجر جي نماز پڙهي ڏني جي ڇوٽڪاري لاءِ هڪ ڊگهي دعا پئي ٿي گهريم تہ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. چيم، "ڪير؟" جواب مليم، "ماسي مان مجيد آهيان".

مجيد ٿو چوي :-

هڪ انڌڙيءَ جڏڙيءَ در لاٿو . ننيڙيون گول اکيون، ٽيڪندو وات جهڙي نوابشاهہ واري ياٽنئي مجن جي مٿي جي ڇٽي . پاروٽي وا ڳڻ پالي انب جيان گهنجيل منهن ۽ گري پاڏي حيان ڪٽل مٿو! مونکي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي ۽ مونکي ڇتائي ڏسڻ لڳي ۽ چيائين، "بچا تون ڪير آهين؟" مون ٺهڪ ڏيئي چيس، "ماسي مونکي نٿي سڃاڻين ؟ - مان - مان ماسي مجيد آهيان".

ماسي ٿي چوي :-

آهي، ڪيڏيءَ مهل تي ڪڇيو ته صوبيدار صيفل سرائيءَ تي منهنجيون مهرون لڳل آهن ۽ ڪڏهين تي چيائين ته باليسٽر ڏيئل مل آخر کهڙي تپ جي گوري آهي. مون سمجهيو ته مجيد بنهه ڪو وڏو ماڻهو آهي جو اهڙن عملدارن جا نالا پيو ٿو وٺي! خيال ڪيم ته منهنجو ڏنو بس هاڻي چٽو پيو آهي!!

مجيد ٿو چوي:-

ماسيءَ کي چيم، "ماسي هاڻي تون ائين سمجهه ته تنهنجو ڏنو بس چٽو پيو آهي. پوءِ پنهنجي هڪ مڇ مٿي ڪندي چيم، "مان ڪو معمولي ماڻهون نه آهيان - مان - مان ماسي مجيد آهيان! ڪماني قطب دين جو دوست — صوبيدار صيفل جو سنگتي - باليسٽر ڏيئل مل جو يار!!" اهو ٻڌي ماسي اکيون ٽمڪائڻ لڳي. چيائين ته، "پوءِ ٻچا دير نه ڪر - تون هاڻ ئي وڃي منهنجي ڏني جو ڇوٽڪارو ڪراءِ — مجيد مان به ته آخر تنهنجي ماسي آهيان!" مون چيس، "ماسي تون ذات ڳڻتي نه ڪر. مونکي ڏني جو از خود خيال آهي، تنهنجو مجيد ته ماسي انهن ماڻهن مان آهي جيڪي ٿورو لکيو گهڻون ۽ خط کي هميشه تار سمجهندا آهن — پر — ماسي ڏني جي پيءُ مرحوم جو نالو ڇا هو؟ - شايد ...." ۽ ماسيءَ وراڻيو، "پٽ، جوسپ - جوسپ هو سندس نالو". مون اچرج مان چيو، "ڇا —

جوسپ؟ - نہ نہ ماسي تـون شايد پلجين ٿي". ماسيءَ
چيو، "چو ٻچا - مان ڪيئن پلبيس! ڏني جي پي جي
مرڻ ڪانپوءِ چيتو تہ برابر جاءِ ڪونہ ٿو رهيم پر ايڏي
اياڻي بہ نہ آهيان جو پنهنجي سر جي سائينءَ جو نالو
بہ نہ ٻڌائي سگهان." ائين چئي ماسي سڏڪا ڀرڻ لڳي.
مون سندس ڪلهي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، "اهو
چئو ماسي، - اهو چئو ماسي! - مون تہ ائين ئي ڪئي
چيو ڇاڪاڻ تہ ڏنو عام طرح ڇٽي جو پٽ هوندو
آهي!"

ماسي ٿي چوي:-

مان سمجهي ويس ۽ مجيد کي چيم، "هاڻو ابا سچ
ٿو چوين. ڏنو برابر ڇٽي جو پٽ آهي — پر — بہ
مون مڙهيءَ وٽ رکيو ئي چئا آهي". مون اچـا ايترو
چيو تہ مجيد ڪري منهنجي وات تي پنهنجو هٿ رکيو
۽ چيائين، "نہ نہ ماسي منهنجو اهو مطلب نہ آهي —
ڏنو منهنجو پيءُ آهي. جي هن لاءِ مونکي لک خرچڻا
پيـا تہ آيا تنهنجي آڱوني تان. تنهنجو مجيد ماسي
مڙس ماڻهون آهي، پر هن وقت ماسي ايتري رقم نہ
اٿم جو هن ڪم ۾ هٿ وجهي سگهان. تازو نوابشاهہ ۾
ڏه ٽمن ڪپهہ گهر جا اوڌر تي ڏنيون ٿو اچان — اها
رقم ملڻي تہ ستين مهيني ۾ تي اٿم پر خاص تنهنجي
ڪري انين ڏهين ڏينهن اوڏهين ويندس ۽ خدا ڪيو

رقم جلد ملي ويندم ته پوءِ زر جي زور تي ڏني کي
ڇڏائي وني اچي دهلن دمامن سان تنهنجي اڳيان حاضر
ڪندس".

مان منجهي پيس ته هاڻي ڇا ڪريان. دل ۾ چيم
ته مجيد قسمتي آيو آهي. ڏسجي ٿو گهڻن ڪمن وارو
آ جي هڪ دفعو ويو ته پوءِ الائي جلد موٽي يا دير
سان. تنهنڪري ڪوٺڙيءَ جي ڪنڊ ۾ پوريل دبو
ڪڍي اچي مجيد کي ڏنم ۽ کيس چيم، "مجيد بچا،
هيءَ تنهنجي مڙهي ماسيءَ جي موڙي آهي. هاڻي سيگهه
ڪر منهنجو ڏنو مونکي آڻي ڏي ته کيس ڏسي مون
نيا ڳيءَ جا نيڻ ٺرن!"

مون ماسيءَ جي ڏڪندڙ هٿن سان دبو ورتو.
منهنجا هٿ به خوشيءَ جي ڪري ڪجهه ڏڪي رهيا
هئا. دبو کوليم منجهس چانديءَ جا ڏهه پراڻا والا،
هڪ سوني ۽ ٻه چانديءَ جون منديون، چار سونا پيڙا
۽ پنجٽيهه روپيه روڪ پيل هئا. ماسيءَ کي چيم،
"ماسي — هي تون ڇا ٿي ڪرين؟ — مزو ته ماسي
انهيءَ ۾ هو جو پنهنجي هڙ جا ڏوڪڙ خرچ ڪري
ڏني کي ڇڏائي اچي تنهنجي روبرو پيش ڪريان! پر
— فڪر نه آهي — هي ماسي ائين سمجهه ته تنهنجو
مون تي قرض آهي. ڏهين پندرهين ڏينهن اهو رقم
وياج سوڌي اچي هٿ ادب جا ٻڌي واپس ڪندس."

ماسيءَ چيو، ”ابا شابس آهي توکي — ٻک احسان الاه
جا جنهن توکي اڄ مون وٽ ڪٺي مڪيو —. بس هاڻي
دير نه ڪر، ڏني کي ڏسڻ لاءِ منهنجيون اکيون ٻيون
ٿيون سڪن!“

مان هڪدم اٿي کڙو ٿيس ۽ چيم، ”ماسي توون
الکو نه ڪر هن گهر ۽ هن شهر جو داڻو پاڻي مون
تي حرام آهي جيسين ڏني کي تنهنجي اڳيان آڻي
حاضر نه ڪريان“. ائين چئي تڪڙ ۾ ٻاهر نڪري
ويس. ٻاهر نڪري هڪ ڊگهو ساهه کنيم ۽ هڪ ننڍڙيءَ
هوٽل تي ويهي چانهه جو ڍڪ چاڙهي آنديءَ کي آلو
ڪيم. پوءِ قلعي واري چاڙهي ڏيئي شاهي بازار ڏي
رخ رکيم. ٻن ٽن صرافن جا دڪان گهمي سون ۽
چانديءَ جي ٽيڙن کي هڪ سو چوراسي روپين ۾ چلتو
ڪري خيال ڪيم ته اتان قلعي وٽان ئي ڪا ٻه ڏينن
جي بس ڪڙيان. پر اوڏيءَ مهل ٻچڙن جي اڇي
يادگيري پيم ۽ سوچيم ته مضبوط ٽيڙن ڪانسواءِ سياري
۾ سندن ڪهڙو حال ٿيندو! — ۽ جي ماسيءَ جون
رليون منهنجي اولاد جي ڪم نه آيون ته پوءِ ڪنهن
کي ڪم اينديون. ڏني جو البت انهن رلين تي حق
آهي پر هن لاءِ ته نارا جيل جا ڪمبل ئي ڪافي
ٿيندا! انهن خيالن جي اچڻ تي منهنجي وَڪ از خود
چند حي ڳوٺ ڏانهن کڄڻ لڳي. ماسيءَ جي در تي
پهچي دڪ ٺڪ ڪيم. اندران آواز آيو، ”ڪير؟“ ۽

ويهون باليسٽر ڏيٺل مل کي ڏنيون ٿو اچان". ائين چئي ڪيشي مان هڪ ڪاگر ڪڍي مونکي ڏنائين ۽ چيائين ته هي؟ رشيد اٿي. رئي جي ڪنڊ ۾ سوگهي ٻڌي رک. مون ڪانئس رشيد وٺي پاڻ وٽ قابو ڪئي ۽ دل ۾ چيم، "مجيد ڪيڏو نه موتبر آهي!"

مجيد ٿو چوي:-

ماسي؟ جڏهين اهو پنو پاڻ وٽ قابو ڪيو تڏهين هڪ ٻيو پنو ڪيشي مان ڪڍيم ۽ کيس چيم، "ماسي، چوندا آهن ته دوا سان گڏ دعا به ضروري آهي. واٽ ويندي هڪ ڪامل بلڪ محمد ڪامل مڪسي درويش ملي ويم تنهن ڪان هي؟ تعويذ وٺي چڏيم. تعويذ جو اثر اهو ٿيندو جو ڏني جي جوا جي عادت ويندي رهندي ـــ روزگار ڪشادو ٿيندس. جهڙي؟ طرح بدين ۾ منهنجي جاء آهي هي؟ پونگي به آهستي آهستي ان وانگر محلات ۾ ٻتلجي ويندي ۽ جيڪڏهين الله راضي ٿيو ته ڏنو پنجن جي بجاء خيرن سان سادي چئين لڳين ئي اچي گهر پيڙو ٿيندو!

ماسي پنو منهنجي هٿ مان وٺي کيس چمي ڏيئي پنهنجين اکين تي رکيو ۽ چيائين، "ٻچا مجيد هن کي ڪٿي رکان؟" مون چيس، "ماسي هن تعويذ کي اڌ اوير واري ڪنڊ ۾ پٽ تي ڪوڪي سان هڻيو ۽ ... تون وضون ساري تعويذ جي سامهون ويهي اکيون بوٽ...

قل پڙهندي رهه. مان هن رليءَ کي هٿ ۾ جهلي ان
تي هڪ ننڍڙو تي ٻيهي وظيفو ٿو ڪريان -- پر ماسي،
خبردار جيسين مان چوانءِ اکيون نہ کولجانءِ متان
ڏنو ايندي پوٽي نہ موٽي وڃي!"

ماسي ويچاري منهنجي چوڻ موجب عمل ڪرڻ
لڳي. ٿوري ڪجهہ دير ترسي ماسيءَ جون پنجئي
رليون ويڙهي ڪلهي تي رکيون ۽ دٻڪي مان پٺي
مانيون تريل واڳڻ سميت ڪڍي ڪوٽ جي کيسي
۾ وجهي بس اسٽاپ ڏي پنڌ پيس. اتي بدين جي بس
تيار بيٺي هئي. مان هڪدم بس ۾ چڙهي، ويهي،
کيسي مان مانيون ڪڍي کائڻ لڳس. هيٺيءَ ۾ بس
مان هيٺ لهي هڪ ليمن جي ٻاٽلي پيتم ۽ وري بس
۾ ويهي دل ۾ دعا گهريم تہ، "اي رب منهنجا، تون
ڏني کي جلد آزاد ڪراءِ -- ڇو ته ماسيءَ ويچاريءَ جو
توکان سواءِ آهوئي تہ هڪ آسرو آهي!"

ماسي تي ڇوي:-

مان وضوءُ ساري مسلي تي ٿي ويٺيس ۽ ڪنڌ
ڏانهن منهن ڪري اکيون ٻوٽي قل پڙهڻ لڳس. قل
پڙهندي رهيس پڙهندي رهيس تان جو اٽ ڏهہ تسبيون
ڪلاڪ ڪيم پر مجيد سڏ نہ ڪيو. منهنجيون اکيون
سور ڪرڻ لڳيون. خيال ڪيم تہ مجيد کي مان سڏ
ڪري اکيون کولڻ لاءِ پڇانس پر ڊنيس تہ متان ائين

ڪرڻ سان ڪيل ڪمائي نہ ڪٽ تي وڃي ۽ ڏنو، خدا نہ ڪري، در تان ئي واپس نہ موٽي وڃي. تنهن ڪري وري قل پڙهڻ لڳس. ڏيڍ ڪن تسبي ٻي ڪلاص تي تہ نڙي اڃي خشڪ ٿيم ۽ اکين مان پاڻي وهڻ لڳم. انهيءَ وچ ۾ وضون بہ ٽٽي پيم. اچان خيال پئي ٿي ڪيم تہ ڇا ڪريان تہ اکيون از خودکلي پيم پر ڏسڻ ۾ ڪي ڪجهہ نہ آيم. سمجهيم تہ شايد گهڻون وقت اکيون ٻوٽي رکڻ جي ڪري ڪجهہ نٿو ڏسجيم. مجيد کي ٽي چار سڏ ڪيم پر ڪو جواب نہ مليو. هاڻي تہ اچي ڊپ ورايم تہ مجيد الائجي ڪيڏانهن ويو. آخر هٿوراڙيون هڻندي در تي پهچي ٻاهر نهاريم تہ رستي جون بتيون ٻري رهيون هيون. هاڻي سمجهيم تہ مجيد ماريو منهنجي ستياناس ڪري ويو هوندو. رئي سان ٻدل رشيد ڇوڙي وڃي پريان ماستر علي بشق کي ڏيکاريم ۽ کيس چيم، ”ٻچا مونکي پڙهي ٻڌاء تہ هن رشيد ۾ ڇا لکيل آهي؟“ هن رشيد پڙهي چيو، ”امڙ، هيءَ تہ هن فردوس هوٽل جو ڪو پراڻو بل آهي“. اهي ٻڌي منهنجي زبان وڃي تارونءَ سان لڳي. ڊوڙندي پنهنجي گهر ڏي ويس ۽ ٻتي ٻاري اهو پيت ۾ تنبيل تعويذ ٻتي آڻي علي بشق کي ڏنم ۽ پڇيومانس، ”ڀلا هيءُ تعويذ ڇا جو آهي؟“ ماستر علي بشق کلندي چيو، ”ڇري هي فلمي تعويذ آهي ۽ هن ۾ لکيل آهي:-

اڇي وٺي ! اڇي وٺي !! اڇي وٺي !!!
نيو مئجيسٽڪ جي سونهري پردي تي فلم ماهي مندا .

( اچان ڌائين ائيچيبل هو. هن جو ڪنهن به طرح جائز جاهي ناجائز استعمال غير قانوني ٿيندو سواءِ خود لکندڙ يا انجي ڪنهن وارث جي پوئين ٽين روپئين واري دستاويز تي لکيل اجازت جي ! هن لکڻيءَ جي دنيا جي ڪنهن به زبان ۾، سواءِ عربي، سنسڪرت ۽ جرمنيءَ زبان جي، اجازت نه آهي ۽ نه ملندي — نه زباني روبرو، نه ٽيليفون تي ۽ نه وري لکيت ۾ سچي چاهي ڪوڙي صحيح سان )

## ڪلينڪ ايڪانامڪ هوميو فارمسي

نمبر 3 - دادا گارڊن، جمال الدين افغاني روڊ،
شرف آباد - ڪراچي.

۳۰ سائيز جون بلڪل سفيد گوريون جن ۾ ولمار شعيب جرمني ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن جون، مهراڻ، هوميو اسٽورز، آرام باغ روڊ، ڪراچي‌ءَ کان ورتل دوائون جذب ڪجن ٿيون، هتان برائون بوتلن ۾ هيٺ ڄاڻايل قيمتن تي ملي سگهنديون. اهي پوسٽ / پارسل ذريعي به آرڊر سان اڌ قيمت جا پيسا موڪلڻ تي سپلاءِ ڪري سگهجن ٿيون:—

(۱) ۳۰، ۶، X۳ طاقت جون
گوريون ٽپال خرچ کانسواءِ،
هڪ آئونس -/۲۰ روپيه
(۲) " " " ٻه آئونس -/۳۵ "
(۳) " " " چار آئونس -/۶۰ "

(۴) ۲۰۰ ۽ ۱۰۰۰ طاقت جي گورين جي هڪ آئونس تي -/۵ روپيه، ٻن آئونسن تي -/۹ روپيه ۽ چئن آئونسن تي -/۱۵ روپيه وڌيڪ ۽ ان کان وڌي طاقت CM تائين هڪ آئونس تي -/۱۰ روپيه، ٻن آئونسن تي -/۱۷ روپيه ۽ چئن آئونسن تي -/۲۵ روپيه وڌيڪ.

(۵) -/۵۰۰ روپين يا ان کان وڌيڪ جي آرڊر تي ۱۰ سيڪڙو ڪميشن ۽ -/۱۰۰۰ رپين يا ان کان وڌيڪ جي آرڊر تي ۲۰ سيڪڙو ڪميشن.

**محمد حسين اعوان**
رجسٽرڊ هوميو پيٿڪ ڊاڪٽر